# ڳول اڙي دل ڳول



مولابخش دلواٽي

# ڳول

# اڙي

# دل ڳول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳول اڙي دل ڳول

[شاعري]

**مولابخش دلواڻي**

ڇپائيندڙ

**شاهه لطيف اڪيڊمي عمرڪوٽ**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀئي حق ۽ واسطا محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڳول اڙي دل ڳول |
| شاعر | : | مولابخش دلواڻي |
| موضوع | : | شاعري |
| ڇاپو | : | ڦيبروري- مئي 2009 |
| تعداد | : | 500 سئو |
| ٽائيٽل ڊزائن | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | ڪنور لال ۽ قائم پيل |
| پيسٽنگ | : | سهيل سلام پنهور |
| ڇپائيندڙ | : | شاهه لطيف اڪيڊمي عمرڪوٽ |
| ڇپيندڙ | : | الرزاق پرنٽنگ ايجنسي، رابعه اسڪوائر<br>حيدر چوڪ حيدرآباد 03332634650 |

**قيمت 150 سئو رپيه**



شهيد مولابخش دلواڻي

[شاعر]



غلام مرتضيٰ دلواڻي

[شاعر جو فرزند]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران

اسان جي اها ڪوشش رهي آهي ته اسان پنهنجي ٻولي جي شاعرن اديبن ۽ سگهڙن جي قلمي پورهئي کي عام پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ ڪو اهم ڪردار ادا ڪري سگهون. ان لاءِ اسان 2007ع ۾ شاهه لطيف اڪيڊمي عمرڪوٽ جو بنياد وڌوسين شاعري، تاريخ ۽ لطيفيات جهڙن موضعن تي ڪتاب آڻڻ لاءِ تياريون ڪري رهيا آهيون هن کان اڳ ۾ اسان سنڌ جي نوجوان شاعر خطائي ٽيبو جو ڪتاب ”سانجهه جي هنج ۾“ جيڪو مڪمل غزل جي صنف تي مشتمل آهي اوهان تائين پهچائي چڪا آهيون. انهي کان پوءِ اسان عمرڪوٽ جي ناري پٽ جي مشهور شاعر شهيد مولابخش دلواڻي جو هي ڪتاب ”ڳول اڙي دل ڳول“ اوهان جي هٿن تائين پهچائي رهيا آهيون. جنهن ۾ شهيد مولابخش غزل، نظم، گيت، ڪافيون ۽ وايون لکيون آهن. اسان اهو اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا ته هو ان سان ڪيترو نياءُ ۾ ڪامياب ويو آهي شال اسان جي هي ننڍڙي ڪوشش پڙهندڙن کي قبول پوي.

لال سنگهه سوڍو
سرپرست
شاهه لطيف اڪيڊمي
عمرڪوٽ
Mob# 0333-2644196

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حمد (باري تعاليٰ)

نہ ڪي آهي والد، نہ ڪنهن جو ولد آ،
يڪي سر يگانو، اهو ئي احد آ.

1

سڀني پرنٽي پاڻ پالي سنڀالي،
نہ ٻيو ڪو شريڪ آ نہ ٻيءَ جي مدد آ.

2

آهي وحدہ لاشريڪ لہ،
وڏي کان وڏو يار واحد وحد آ.

3

رهي جيڪو حب الوريد ملي سو،
اسان جي اهائي جدوجهد آ.

4

مولابخش محبت مولي جي موهيو،
اسان جو ورد هڪ انهي جي حمد آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مناجات

داتهن سڻ دلگير جي درد واري يا خدا،
حال هيڻي جي حقيقت سڀ ساري يا خدا،
عيب ۽ عصيان منهنجا بخش باري يا خدا،
مڃ مهابي مصطفيٰ جي منهنجي زاري يا خدا.

1

حال هيڻا حاجتون سڀ حال تي ڪو پال ڪر،
ملڪ والي ڇڏ نه خالي سائين پورا سوال ڪر،
خير جي خيرات سان ڏي خوشي خوشحال ڪر،
غم ويا گهيري اثر ڪر غمگساري يا خدا.

2

مهر ڪر مالڪ نه مون مخلوق جو محتاج ڪر،
هٿ ٻڌي حاجون گهران تو هاڻ پوري حاج ڪر،
سوال هي پورو سندم صدقي نبين سرتاج ڪر،
تون سخي سلطان تودر مان بکياري يا خدا.

3

لطف تو ڪان اڄ لنگهي جئين لک ليلايو تو پنان،
روز رويو رازق پانڌ پايو تو پنان،
ڪرم ڪر تون ڪرم قادر ڪنڌ نايو تو پنان،
اڄ اڱهائي ڪا التجا ۽ عرضداري يا خدا.

4

ترت تنگي مان ڇڏا تون تنگ دستي تنگ ڪيو،
عرض ۾ آزي اڳها تون تنگ دستي تنگ ڪيو،
مچ مهابي مصطفيٰ تون تنگ دستي تنگ ڪيو،
لاهه تون لحظي اندر لطفئون لاچاري يا خدا.

5

تون سهارو ئي سنڌ اڄ پيا سهارا ويا ڇڏي،
منهن متي مشڪل مهل پنهنجا پيارا ويا ڇڏي،
رحم ڪر رحمان تون بس لوڪ سارا ويا ڇڏي،
هيڪلو تي آهي دل مون هاڻ هاري يا خدا.

6

آئون اوکي ۾ اڙيس الله تون آڌار ڏي،
پال ڪو پنهنجو پلائي بخششون بسيار ڏي،
دين ڌن دولت امن ايمان جا انبار ڏي،
رحم وارا ڪر نظر تون رحم واري يا خدا.

7

روز رويو رحم وارا روز تو ڪان ٿو گهران،
پاڇهه سان ڏي تون پاڇهارا روز تو ڪان ٿو گهران،
ڏيهه ساري جا ڏاتارا روز تو ڪان ٿو گهران،
روز نئين ڏي رحم سان تون روز گاري يا خدا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

8

تون سخي سردار منهنجو ڪو نہ توري پيو سجهي،
تون غني غمخوار منهنجو ڪو نہ توري پيو سجهي،
ڏيم تون ڏاتار منهنجو ڪو نہ توري پيو سجهي،
تن اندر آ طلب تنهنجي تات تاري يا خدا.

9

لڪ پلو لڪ پانڌ پايان رحم وارا رحم ڪر،
نڪ نرڙ نايو ڳسايان رحم وارا رحم ڪر،
ڏوهہ ڪيا مون ڏوهي آهيان رحم وارا رحم ڪر،
بخش بخشش لاءِ آيو آ ڏوهاري يا خدا.

10

تون سخي سلطان سائين مان سوالي تو سندو،
مهر ڪر منان سائين مان سوالي تو سندو،
رحم ڪر رحمان سائين مان سوالي تو سندو،
تون سوالي جي پيالي پر هيڪاري يا خدا.

11

درد واري دل پريل جي دانهن داور تو اڳيان،
روز روئان ۽ رڙان تو رب رهبر تو اڳيان،
درد غم جو داستان دوست دلبر تو اڳيان،
دانهن آهي درد جي دم دوباري يا خدا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

12

دانهن اوناڻي درد واري دانهين اچي تو در ڪريس،
ٻاجهه لئي ٻانهون ٻڌر ٻانهن ڇڏيو آ ٻر ڪريس،
ڪيهه نڪريءَ ڻي قلب مان ڪرم قادر ڪرڪريس،
ڪر ڪريل جي پاڻ ڪا پاٺهين پوواري يا خدا.

13

يا غني غفار تنهنجي غرض وارو آهيان،
تيءَ سهارو تون سگهو نہ تہ بي سهارو آهيان،
واهه ٻي والي نہ توريءَ ڪا ويچارو آهيان،
درد واري دل ويچاري بي سهاري يا خدا.

14

واسطي تون مصطفيٰ صہ جي منهنجي زاري ڪر قبول،
واسطي مشڪل ڪشا جي منهنجي زاري ڪر قبول،
واسطي خيرالنسا رضہ جي منهنجي زاري ڪر قبول،
مون نسوئي جي نموني ڪئي نيزاري يا خدا.

15

تي ڏٽي دارون درد جو ڏيل ڏک ڏاري وڃ،
ڳالهه ڳرهيان ڇا ڳجهي ڳٽتين اتر ڳاري وڃ،
اڄ مداين جي مرض مولابخش ماري وڃ،
ڪر عنايت سان عفو سڀ گنهگاري يا خدا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نعت شريف

تنهنجو اعليٰ شان محمد مولٰيٰ ڪيو آمان محمد صہ
سخي سچا سلطان محمد صہ مون تي ڪر احسان محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

1

لڪي لڪين لڪپال محمد صہ مهر ڪريو مون نال محمد صہ
منهنجا سڻ اڄ سوال محمدؐ فضل ڪريو في الحال محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

2

ڪجهہ بہ ڪمايم ڪين محمد صہ گهارِيان ٿو غمگين محمد صہ
آهيان بس مسڪين محمد صہ تودر هنئي مون سين محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

3

تو در آهي عرض محمد صہ مون تي آهي فرض محمد صہ
لاهہ ڪرم سان قرض محمد صہ مڙيئي مشڪل مرض محمد صہ
صليٰ الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

4

تودر آزي آز محمد صہ نوڙت منهنجو نياز محمد صہ
سڻ ڪو اڄ آواز محمد صہ راضي ٿي رک راز محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

5

مون ڪيٰ وائي وات محمد صہ طلب اندر ۾ تات محمد صہ
سوال سڻو اڄ رات محمد صہ ميجو لنگهي جي لات محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6

تو در ڪئي مون آهہ محمد صہ درد دلتئون تون لاهہ محمد صہ
بگڙيل ڪم تون ناهہ محمد صہ نالي پاڪ الله محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

7

سوال صبح ۽ سنجهہ محمد صہ لاهہ ڏکي تان ڏنجهہ محمد صہ
ڦاٿس مشڪل منجهہ محمد صہ سگهڙا ڪرتون منهنج
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

8

تون ئي يتيمن يار محمد صہ ايرن جا آڌار محمد صہ
منهنجا ڪڻ تون پار محمد صہ لاهہ سيئي لاچار محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

9

تو در آ فرياد محمد صہ دشمن ڪڻ برباد محمد صہ
منهنجي دل ڪر شاد محمد صہ دانهن ۽ جو ڪر داد محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

10

مالڪ مدني مير محمد صہ واڪن تي وروير محمد صہ
پار اڪارج سير محمد صہ پيرن جا او پير محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

11

سدا سوالي آهيان محمد صہ تو در ويٺو دانهيان محمد صہ
لحظو آس نہ لاهيان محمد صہ پانڌ پلو تو پايان محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

12

مدد ڪريو مون ساڻ محمد صہ پنهنجي فضلان پاڻ محمد صہ
ڏيان عرض تي آڻ محمد صہ دير نہ ڪر تون هاڻ محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

13

رسو رسول الله محمد صہ شاهن جا او شاهہ محمد صہ
سٽو اندر جي آهہ محمد صہ ٿيو منهنجي واهر محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

14

راضي ٿي ڪر رحم محمد صہ ڪامل ڪر ڪو ڪرم محمد صہ
پليل جو رک ڀرم محمد صہ مون تي رهجان نرم محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم

15

مولابخش آ تنهنجو محمد صہ ٻي جو ناهي ڪنهنجو محمد صہ
وارث تون ئي منهنجو محمد صہ مون کي ڪرتون پنهنجو محمد صہ
صلي الله عليہ وسلم تنهنجو سوالي آهيان هر دم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 1

پيئي جي نه ڪر اڇي سا زندگي نه گهرجي،
جيڪا غريب کي ڏي غم سا خوشي نه گهرجي.

1

مرڪي ملڻ چڱو آ انسان جو وصف پڻ،
ٺهه ٺهه اجائي ڳالهه تي کل يا ککي نه گهرجي.

2

جي چئو انهي کي جيڪو جي تي به جي چوي،
خالي خوشامدي جي جيءُ هائو جي نه گهرجي.

3

مونکي مزو اچي ٿو مشخاني پر مدامي،
تنهنجي نه زهد زاهد آهي چڱي نه گهرجي.

4

خطبو خطيب ڏي تان ڏيَ پيار جو دنيا کي،
ٻي سڀ اجائي آهي بڪ بڪ ٺلهي نه گهرجي.

5

جيڪي لکي سگهي سو ديس لاءِ لکجي،
بي سوڌ مولا بخش پي شاعري نه گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل 2

ڪرڻ بس بي وفائن سان وفا غلطي وڏي آهي،
سهڻ سرتي پنهنجي بي جي جفا غلطي وڏي آهي.

1

ڪيو جنهن پيار ڪٿ ڪونهي سنو جنهن درد ڪو ناهي،
انهي سان خال دل اورڻ ادا غلطي وڏي آهي.

2

جهڙو ڪک جو تهڙو لک جو مڙيئي چور هڪجهڙو،
گهٽي تئي يا هجي تورڻي خطا غلطي وڏي آهي.

3

هجي هڪ ساڻ دل دائم نہ هر هنڌ هيرجي دل ڪي،
لڳائي دل ٽيڻ جت ڪٿ فدا غلطي وڏي آهي.

4

پڇڻ جي ساهي جت پيٽي اتي دل مون اڙائي آ،
ميجر مولا بخش منهنجي اها غلطي وڏي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 3

نفرت حسد سندي ڪا عادت چڱي نہ آهي،
نفرت ڪجي نہ ڪنهن سان نفرت چڱي نہ آهي.

1

جيڪا فخر وڏائي، مغرور جا بڻائي،
انسان لاءِ اهڙي دولت چڱي نہ آهي.

2

صحبت سٺي منجهان ئي ماڻهو سٺو ٿئي ٿو
مــوران منافقت سان محبت چڱي نہ آهي.

3

سيرت نہ آهي جنهن ۾ صورت اها ڪجي ڇا؟
سيرت بناءِ ڪائي صورت چڱي نہ آهي.

4

انسان ڪي ڪپي تان پنهجا ئي عيب جانچي،
ٻي جي ڪرڻ گلا يا غيبت چڱي نہ آهي.

5

مسڪين ٿي مري جو ڪانڊي نہ ان جو ڪو ٿئي،
انهي چيوڻ مطابق غربت چڱي نہ آهي.

6

جيڪي بہ ڪـجهہ ڪجي سو آخـر جي لاءِ ڪجي،
دنيا ۾ مولابخش شهرت چڱي نہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 4

لا غرض مغرور او بي نياز مُرڪي مِل ڪنڌهن،
ڇڏ غريبن ساڻ نـخرا ناز مرڪي مل ڪنڌهن.

1

ساز يا آواز تي يا راڳ تي ريجهي پوين،
پيو وڃايان روز سرندا ساز مرڪي مل ڪنڌهن.

2

خاص دل ۾ آس آهي تون اچين منهنجي اڱڻ،
اچ اسان جو رک اهو تون راز مرڪي مل ڪنڌهن.

3

ڪل ڪلي بانگ صراحي سر سر سلوار بند،
شيخ سعدي کي وڻن آواز مرڪي مل ڪنڌهن.

4

يار مولا بخش جي تون حال تي ڪو پال ڪر،
حال محرم حال جا همراز مرڪي مل ڪنڌهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 5

چاپيا منصور يا فرهاد پارن ڪان پڇو،
عشق جي ساري خبر حسنين وارن ڪان پڇو.

1

ڇا صبر ڇا .عشق آهي عشق جو انجام ڇا؟
ڪربلا ڪان شام ڏي ويندڙ قطارن ڪان پڇو.

2

عشق ۾ ڇا تئونس آهي ۽ لڳي تي پياس ڇا؟
نينوا ۾ رهڻ وارن تن تسيرن ڪان پڇو.

3

ڇا برهه جي آ بيماري ڇا برهه بيمار ڇا؟
سا خبر پرديس ۾ قيدي بيمارن کا پڇو.

4

عشق ۾ مولا بخش ڪئين سانگ تي ويا سر چڙهي،
سا حقيقت سر ڪٽيل نيزي سوارن ڪان پڇو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 6

ڪڏهن مرڪي ڪلي مون سان مٺا محبوب ڪر ميلا،
اسان جي آهه ۽ زاري اها مچ يار البيلا.

1

مچي ميڙون منت موٽو مٺا محبوب ماڳن تي،
وري ڪر ڪا وڙن واري نه وجهه وينجهار تون ويلا.

2

سُڪي ساعت نه ٿا سنيرون جدا تو ڪان جيئڻ جاني،
اوهان ڏاران اسانِ جي لاءِ ونجهل ۽ ويل واويلا.

3

ڪٺي خوني اکيون جي تو نهارين ناز نخري سان،
خلق پيئي خون تي ساري وهن پيا راهه رت ريلا.

4

نڪي دولت نڪي دنيا نڪي تو ڏن وٺي دل ڪي،
ڀلا مولابخش پائي تنهنجي درتي ڏکا نيلها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل 7

سڪان ساريان. سدا توکي سگھون مل يار سانولڙا،
نہ تي ساعت سري توري .نہ تي دم ڏار سانولڙا.

1

ڀلا ڪرڪا ڀلائي تون اچي تي باغ ۾ پيڙو،
ڪلون ۾ ڪس ڪريون خوش تي گھمون گلزار سانولڙا.

2

سوا سينگار جي تنهنجي سوائي سونهن آ سڀ ڪاڻ،
ڪجاڙي لئي ڪرين تو تون اهو سينگار سانولڙا.

3

جواني وئي جدائي ۾ پيارا يار پيري ۾،
ملڻ جي مهرباني ڪر متا منٿار سانولڙا.

4

متا مولابخش ڪي تون نہ تو ويلو ڪوئي وسرين،
اسر آڏي صبح سانجھي تنهنجي تن تار سانولڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 8

يلي کر بيوفائي پيو زمانا تون سدا مونسان،
مونکي ناهي غرض تنهنجو منهنجو آهي خدا مونسان.

1

دغـا بـازي دنيا اندر دغا بازن جو آ شيوو،
ٿيو ڇا جي دغا بازن کئي کائي دغا مونسان.

2

وڏي ٿي ڳالهه کهڙي پئي رنا جي راڄ ۾ راجا،
سدا سرچيل پرين پرچيل هجي هک دلـربا مونسان.

3

خبر ناهي لکڻ واري لکيو منهنجو مقدر کيئن؟
کريان جهن سان وفا ٿو مان کري ٿو سوجفا مونسان.

4

شکايت يا گلا مولابخش کنهن جي کريان هاڻي،
وفا وارا به اڄ آهن صفا ٿيا بيوفا مونسان.

## غــزل 9

دوست دلبر يار تون دلدار تون غم خوار تون،
آءُ اگـڻ منهنجي الهه لڳ ٿي اکين جا ٺار تون.

1

لوچ تنهنجي ۾ لڄان پيو سُک نہ ٿو ساعت اچي،
لوچ لحظي ۾ لهي مرڪي ملڻ جي يار تون.

2

پيار تنهنجي لئي پيارا دل سڪي پئي دم بدم،
پــل نہ مونکان پيار پيارا پل گهڙي ڏي پيار تون

3

چو حجابن ۾ هميشہ پيو گذارين گلبدن،
دل سڪي ديدار لئہ ٿي دم ڪرا ديدار تون.

4

منهنجي تو سان آهي محبت تون محبت ڏي مٺا،
منهن نہ مولابخش کان مٽ ماهرو مٺار تون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 10

ڇـڏهن تنهنجا سجڻ سهڻا هـوا سان وار پيا وکـري،
ڏنــگڻ لئہ ڏيهہ ساري کي ڇري پيا نانگ سئو نکري.

1

ڇڏين تُوز ڍول تون ڊاري جڏهن رخسار تي زلفون،
نظارو تو لڳي اهڙو قمر تي کر چڙهي ککري.

2

کلي خوشبو جڏهن تنهنجي زلف مشکين جي پيارا،
مٿا مشک ختن جي بـوءِ ويئي خـوشبو صـفا وسري.

3

اسان تنهنجي دنيا ۾ ڇئو مزا کهڙا محب ماڻيا،
زلف جي قيد قهري ۾ اسان جي زندگي گذري.

4

مٺي تنهنجي مٺي لب جي لڳي جهڙي مٺي مونکي،
مٺي مولابخش اهڙي مـٺي ماکي نکا مصري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 11

جلـد ور تـون جيئڻ جـاني جو آسرو ڪونهي،
اگهو آهيان اگهائي مان اٿڻ جو آسرو ڪونهي.

1

بقا دم تي يلا کهڙو اچي ٿو دم وجي ٿو دم،
وجي ٿو دم وري واپس ورڻ جو آسرو ڪونهي.

2

جهلي آ جان جهوراٽي جهري پئي روز جهوري ۾،
سوا تنهنجي سهاري جي ٽڪڻ جو آسرو ڪونهي.

3

نهوڙيو آ نپوڙيو آ برهه جي يار بيماري،
بلو ڪر ڪو بيماري جو بچڻ جو آسرو ڪونهي.

4

اچـي مـولابخش منهنجو پڄڻ تي ٿيو پساهه آهي،
اجـاڻ تـائين عـجيبن جي اچڻ جو آسرو ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 12

دم دم دل تي رهندي آهي مونکي تنهنجي ياد،
شاد هجين آباد هجين تون دلبر زنده باد.

1

يطهر كم تطهيرا جي توكي آيت پاك كيو،
تون لا ثاني تنهنجو ثاني كونهي آدم زاد.

2

حاكم تنهنجو حسن حقي آ تنهنجو عشق ثواب،
پيا سڀ عشق حسن جا هوكا آهن نام نهاد.

3

تنهنجا دل تي خيال رهن ٿا پيا ٿيا خيال ختم،
خيال انهي ۾ راتو ڏينهان رهندو آهيان شاد.

4

مِل پيو مونسان كل پيو مونسان دلبر يار دوام،
توكان مولابخش گهري ٿو يار اها امداد.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 13

ڏار جيئري پاڻ کان اي دلربا مونکي نہ ڪر،
بي سهارو ۽ ويچارو تون صفا مونکي نہ ڪر.

1

گهر نہ جي گهر سان گڏڻ ڏيئن پوءِ بہ پاڙي ۾ رهاءِ،
پــاڻ پاڙي کان پري منهنجا مٺا مونکي نہ ڪر.

2

در مٺان دلبر ڌڪاري ڏي نہ در در جا ڌڪا،
بي وسيلو ۽ اڪيلو با وفا مونکي نہ ڪر.

3

حفظ پنهنجي ۾ هميشہ رحم سان تون رک سدا،
پاڻ جهڙن جو پوپارو يا خدا مونکي نہ ڪر.

4

يــار مــولابخش جي هر عرض تي تو نهہ ڪرين،
ايترو مايوس من ماهہ لقا مونکي نہ ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 14

سار اسان جي يار پيارا تون نہ لهين تہ لهندو ڪير؟
حال ڦٽي ويا حال اسان ڪان تون نہ پڇين تہ پڇندو ڪير.

1

صبح سانجهي سوالي خاليٰ محب مٺا ڇو موٽائين؟
صبح سويلا سوال اسان جا تون نہ سڻين تہ سڻندو ڪير؟

2

ڪنهن کي سور سٺايان ساري توبِن تہ گهارين دلبر دور،
پر پر ويهي حال سمورا تون نہ ٻڌين تہ ٻڌندو ڪير؟

3

اڄ تـون باغن ۾ تـي پـيـڙا يار گذاريون ڏينهن پـہ ٽي،
گڏجي گلشن ۾ جي مونسان تون نہ گهمين تہ گهمندو ڪير؟

4

توکي مولابخش ڪري ٿو روز ملڻ لئہ منت مٺا،
خيال اسان جي منت سندوئي تون نہ رکين تـہ رکندو ڪير؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 15

سنگدل جي پيار تي ويساهه ڪيم غلطي ڪيم،
پاڻ پنهنجي جان جوکي ۾ وڌم غلطي ڪيم.

1

جنهن پچاڙي جو نه ڪيو منهنجي وفا جو ڪو قدر،
زندگي ســاري حڪم تنهن جو مـڃيم غلطي ڪيم.

2

هن هميشه هر وفا جو پئي ڏنو بدلو جفا،
بيوفا کي باوفا تي سمجهيم غلطي ڪيم.

3

ڪو نه هيٺي حال تي جنهن کي ترس تر جو تيئه،
حال دل جو تنهن اڳيان کولي رکيم غلطي ڪيم.

4

اڳ نه سوچيم اڳ نه سمجهيم بيوفا کي بيوفا،
هاڻ مولابخش سوچيم ڇا وريم غلطي ڪيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 16

مــوڙ نہ مونکانِ منهن تون منڙا تنهنجي محبت ماري آهيان،
تون نہ ڇڏيجان توڙان تنهنجي اڳلي عيبن واري آهيان.

1

عشق اندر ۾ آڳ لڳائي جوت انهي آجان جلائي،
جهوري تنهنجو يار جدائي ماري ان مونجهاري آهيان.

2

مورُ نہ پوڇيان مسجد مندر نڪي ويجان ٿو دير و حرم در،
دلبر تنهنجو جهـليم در تنهنجو حسن پـوڄاري آهيان.

3

کهڙو توسان سينو ساهيان تو سان آهيان توري ناهيان،
تنهنجو منڙا يار ميان تو مولا بخش مياري آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 17

ڏوهه ڪوئي ڏس پيارا ڇو وساري تو ڇڏيو،
منهنجا گوندر ۾ گذارا ڇو وساري تو ڇڏيو.

1

ڪير توري ڪرلهي ڏک ۾ ڏکئي جي ڏس پلاءِ،
بي سهارن جا سهارا ڇو وساري تو ڇڏيو.

2

دل دوامي درد واري دوست دوري درد ڪان،
درد مندن ڪي دلارا ڇو وساري تو ڇڏيو.

3

يار جاني ياد تنهنجي ذرو نہ ٿي دل تان لهي،
ساهه جا ساٿي سونهارا ڇو وساري تو ڇڏيو.

4

جاڙ جيون آهي مولابخش جو تو ڪان سواءِ،
اي جڏي جئي جا جيارا ڇو وساري تو ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 18

دلــبـر ڇـڏ تـون دوري ســائين،
مـنهنجي ڏس مـجـبـوري سائين.

1

ڏس اي ڏاڍا يار ڏکي ڏي،
نـظر ڪـٽي تون نوري سائين.

2

ڪنهن در دانهيانَ توري تون ڇئو،
حاڪـم هوت حضوري سائينَ.

3

تنهنجي سـڪ ۾ گذري آهي،
منهنجي زندگي پوري سائين.

4

تنهنجي مولابخش سان چو آ،
شوخي ۽ مغروري سائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 19

مـلـو محب مرڪي مٺا يار سانول،
مڃو عرض نامر خدا يار سانول.

1

پـرهـ جو پڪارَيان پيـالا پياريو،
سٺو اڄ صبح جي صدا يار سانول.

2

اڇي هـاڻ مـون ڪي، گـلـي ساڻ لايـــو،
ڪريو معاف منهنجي خطا يار سانول.

3

وئـي تي خـــطا آ متان ڏوهـي سمجهي،
ڏيو ائين نـه ايذي سزا يار سانول.

4

هي مـولابخش آ هـي اڪيلو اڪيلو
اٿس حال ڪهڙا ٿيا يار سانول.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 20

نہ تي يار، پيارا پرين پل پري،
اوهان ري اسان جي نہ تي دم سري.

1

مون سان من مـلڻ جو توکي پهہ پوي،
اهـڙو يـــاڳ منهنجو خــدا شل کري.

2

ايندين تون اڳي يا ايندو اڳ اجل،
گاراٽي انهي ير پئي دل ڳري.

3

ڪڏهن ڏينهن قادر ايندو اهو،
پرين پاڻ ڏيندو پيالا ڀري.

4

پياريو پيالا پيئڻ لاءِ پرين،
مولابخش جي پئي ماندي دل مري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 21

توکي صبح مسا آ منهنجو سلام سائين،
تنهنجو آهيان ازل کان ڳولو غلام سائين.

1

وسري نہ ويل کا تي صورت سچڻ اوهان جي،
واجــب فـرض وتــر سڀ وسري ويام سائين.

2

پيتم پرت پيالو نيو ان نشي نهوڙي،
مستان دل آ منهنجي مئي بن مدام سائين.

3

ســک سوز يار تنهنجي شاعر مونکي بنـايو،
لکنـدو وتان سدائين کافيون کلام سائين.

4

در در قران فراقي فرقت فراق کان تو،
تو کان سواءِ نہ سک آ صبح نہ شام سائين.

5

پرور پناهہ ڏي تون توري نہ بي ڳلي آ،
مولابخش پيو آ تنهنجي ٿي سام سائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 22

اسان پرايا پنهنجي سر تي سور وسائڻ وارا آهيون،
ڏکيا سکيا ڏينهن گذاري نيهن نڀائڻ وارا آهيون۔

1

عشق اري ۾ اڙيا آهيون سور ٿي سک ۾ سڙيا آهيون،
پڙ ۾ پتنگن وانگر پنهنجي جان جلائڻ وارا آهيون.

2

تنهنجا تورا تاهن تورا مون تي ٿي محبوب مٺا،
جي نہ سگهون ٿا تورا لاهي تورا ڳائڻ وارا آهيون.

3

ڪو نہ ڪريون ٿا ڪنهن سان ڪلفت ڪاوڙ ڪينو ڪي،
اسان تہ محبت جي ڪا محفل يار مچائڻ وارا آهيون.

4

دل ۾ آهن درد هزارين پر نہ لڪايون لوڪ اندر،
مرڪي مولابخش مدامي مهل مٽائڻ وارا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 23

ڪهڙا لهڻا ليکا تنهنجو مزو بنان مزدور آهيان،
تنهنجي محبت ۾ ٿي، تو وٽ ميثاقان مجبور آهيان.

1

ڪوهه ڪرين پيو قاضي ڪاوڙ ڪهڙو منهنجو آهي قصور،
مئي آ پيتي محبت جي مون، مست صفا مخمور آهيان.

2

تون نه طبيعت سمجهي سگهندين منهنجو آهي مرض ڳجهو،
سور نه ڪو ٿي ناسور اثر پر گهايل گهڙي گهور آهيان.

3

دلبر دل ۾ درد هزارين وٽان لڪايو لوڪن کان،
هون ته سچو ٿي سور آهيان پر ظاهر ۾ مسرور آهيان.

4

اڳي علم هو اڳي عقل هو عشق اچڻ سان اڏري ويا،
هاڻي مولابخش دنيا ۾ مست مثل مشهور آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 24

ڪرڻ بس بي وفائن سان وفا غلطي وڏي آهي،
سهڻ سر پنهنجي ٻئي جي جفا غلطي وڏي آهي.

1

ڪيو جنهن پيار ڪٿ ڪونهي سٺو جنهن درد ڪوناهي،
انهي سان حال دل اورڻ ادا غلطي وڏي آهي.

2

جهڙو ڪک جو تهڙو لک جو مڙيئي آ چور هڪ جهڙو،
گهٽي ٿئي يا هجي ٿوري خطا غلطي وڏي آهي.

3

هجي هڪ ساڻ دل دائم نه هر هنڌ هيرجي دل کي،
لڳائي دل ٿيڻ جت ڪٿ فدا غلطي وڏي آهي.

4

پڇڻ جي ناهي جت پيٽي اتي دل مون اڙائي آ،
مجيبر مولابخش منهنجي اها غلطي وڏي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 25

چڏي ديــر و حــرم جــو در،
جهلير دلدار تنهنجي پر.

1

پري ڪرتون نہ پاسي ڪان،
عنايت بس اهائي ڪر.

2

تنهنجي ســڪ آ تــوکي ســاريان،
ســجڻ سـائين صــبح ســاجهر.

3

چڏي پاسو پرين تنهنجو
وڃان مسجد نڪي مندر.

4

ملين جي تون ڏسان توکي،
اهو ئي آهي حج اڪبر.

5

رهين مولابخش سان گڏ،
اهڙو مولا ڪري مقدر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 26

صورت ۾ ڪوئاني تنهنجو ناهي بني انسان،
تنهنجي هوت حُسن تي آهن حور پريون حيران.

1

ماڻهو مرگهه ملائڪ منڙا تنهنجا طابعدار،
خادم خاص سڏائن درجا خانن جاڪي خان.

2

اعليٰ افضل اڪمل آهين دلبر ساري دنيا ۾،
توڪي واحد واڪاڻي ٿو شاهد آهي قرآن.

3

خلق سڄي آ خادم تنهجي مُحب منا منٺار،
دايا تنهجي در جا آهن شاهه وڏا شاهان.

4

موهيو مولابخش اوهان جي محبت آ ميثاق ڪنان،
تنهنجي ياد رهي ٿي دل تي پهر پلڪ هر آن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 27

نہ تـُو يار مرڪي ملي چا ڪجي؟
ملڻ ۾ نہ تو وس هلي چا ڪجي؟

1

زمانو رٺل ۽ پرين ٿيا پري،
اهي سور ٻيا سون پلي چا ڪجي؟

2

ڪري قول تو پر ملي ڪو نہ ٿو
ماريو آ دلاسي ٿلهي چا ڪجي؟

3

مون سان چو الائي رٺو آ مٺو
ڳالهائي نڪي تو ڪلي چا ڪجي؟

4

مولابخش دنيا اندر سور سٺو
پيا اڻ گهرايا گلي چا ڪجي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 28

ڪرملڻ جي مهرباني ڪنهن بهاني سان ڪڍهن،
آ اڱڻ تي يار جاني ڪنهن بهاني سان ڪڍهن.

1

محب تي مهمان مون وٽ رات هڪڙي رحم سان،
شرف بخشيو ميزباني ڪنهن بهاني سان ڪڍهن.

2

دوست تنهنجي ديد لاءِ دل سڪي پئي دم بدم،
ڪڻ ڪلي نظرون نوراني ڪنهن بهاني سان ڪڍهن.

3

مهل مقرر ڪر ملڻ جي ماهرو ڪنهن ماڳ تي،
يا ته ظاهر يا پنهاني ڪنهن بهاني سان ڪڍهن.

4

عرض مولابخش توکي تون ڪري ڪافيون لکي،
زاريون ٻڌ کي زباني ڪنهن بهاني سان ڪڍهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 29

دلبرُ تنهنجي ديس اڃانُ ها هاڻ نہ ايندش سور اٿم،
داٿي پاٿي قسمت جي هٿ قيد ڪيو مجبور اٿم.

1

سک نہ سمهان ٿو دمِ ڪوُ دلبر تنهنجيِ دوريِ دردُ سبب،
ونجهلاَن واڪا ڪريان وهہ ڪيو يار وهڻ وهلور اٿم.

2

خون ڪستوري عشق نہ مشق لاڪِ لڪندا لوڪ اندر،
تنهنجي محبت ملڪن ۾ ڪيو مجنيِ جئين مشهور اٿم.

3

فرقت جي ڦٽن جي آهي توکي تر بہ تميز طبيب،
فرق ڦٽڪين ڪان مشڪل ٿيندو نيهن سندو ناسور اٿم.

4

گهرن گهورن سانُ دل گهائيِ پوءِ نہ ڪري ڪو غور گهڙي،
مولاَبخش محب مليو ميثاق ڪنان مغرور اٿم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 30

کير کنڌ ماکيون مٺا ور ور وڙهايان جي ملين،
خوب خوشيون خلق ۾ منڙا ملهايان جي ملين.

1

تنهنجي محبت جي سبب اُدنيٰ به اعليٰ ٿو ٿئي،
يار سڪندر ڪاڻ سوايو پاڳ پايان جي ملين.

2

تون اچين تنهنجي اچڻ جي عيوضي ۾ تو مٿان،
مال يا زر ساهه سر گهوري گهمايان جي ملين.

3

ناچ ناچو ٿي ڪريان ڳايان قواليون ٿي قوال،
مهند تو محبوب من محفل مچايان جي ملين.

4

تنهنجي دردن ۾ لکيا مولابخش جيڪي غزل،
سي سيئي تنهنجي اڳيان اچ گيت ڳايان جي ملين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 31

محب مٺا مل مرڪي مونسان مون لئہ مرڪ غنيمت آ،
سڌي سڪايل کي ڏي سرڪي ساقي سرڪ غنيمت آ.

1

تنهنجا پاڙا ٻول ٻہ دلبر مٺا لڳن ٿا ماکي کان،
پـر ڀر ويهي پيڙو ڪر پيو ڪُرڪو ڪرڪ غنيمت آ،

2

دم نہ لهي ٿي دل تان دلبر ياد اوهان جي يار مٺا،
هُـرين هيئين ڀر هر هر پيو تون هر هر هرڪ غنيمت آ.

3

هٿ نہ اوهان جو هوت ڏکائي سور توڙي ناسورهجي،
هـوت هٿن سان لـوڻ ڦٽن تي وينو ٻـرڪ غنيمت آ.

4

سوين سڪايل سڪ مان سهڪي صفا مروه ٻوڙن ٿا،
پير اڳـهاڙا پيرن سان ڪن دل سان درڪ غنيمت آ.

5

جاڳي مولابخش پرهہ جو ويهي ڪر تون ياد خدا،
صبح سويلي هير لڳي ٿي ٿڌڙي ڦرڪ غنيمت آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 32

جڏهن جيڏي اڱڻ آئين لڪين احسان لک تورا،
اجاريا تو اڄي منهنجا اڱڻ ايوان لک تورا.

1

مثل مرده مٿل ماڳهين هٿاسون هجر هاڃي ۾،
وري تنهنجي اچڻ سان پئي جسم ۾ جان لک تورا.

2

قبولي دوست تون دعوت هلي آئين پلين آئين،
اڄي محبوب مون وٽ اڄ ٿئين مهمان لک تورا.

3

پري پيرا ٻه ٿي پيرا اسان وٽ جي اچڻ عيوض،
ڪندس ڪنڌ ڪي ڪپي قدمن مٿان قربان لک تورا.

4

ڇڏي ڪاوڙ تڏي منهنجي اچي اڄ يار دلبر تو،
مٿا مولابخش جو آ وڏايو مان لک تورا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 33

غم وچڻ گوندر وچن اي يار پيارا جي ملين،
جي پوي هي جان اي جيءَ جا جيارا جي ملين.

1

مونجهه ماري پٿي ملڻ جي مل مٿا مونجهون لهن،
سڀ لهن منهنجا مٿا من جا مونجهارا جي ملين.

2

قرب قدمن تي ڪرايو ڪنڌ نہ قدمن تان ڪٽان،
قرب ۾ قربان آهيان قرب وارا جي ملين.

3

مل ملڻ جي محب ملهہ ۾ جان حـاضر جانِ من،
ساهہ سر صدقو سيئي ساجن سـونـهارا جي ملين.

4

ويهہ مولابخش وٽ ويٺو انگل ۽ آر ڪر،
سڀ قبوليان سڀ اکين تي انگل آرا جي ملين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 34

پيار پهرين ڪري پوءِ پڇتاءَ ڪيم،
هاڻ، سوچان پيو هــاءِ هي ڇــا ڪيم.

1

غلط سوچي ڪيم جو اڳي ڪجهه ڪيم،
سي پرايا هئا جي پنهنجا ڪيم.

2

مورڪائي ڪيم يا تہ سادو هئس،
بي وفا تي سدائين ڀروسا ڪيم.

3

مون وفا پي ڪئي هن جفا پي ڪئي،
پاڻ سان پي رڳو پئي دوکا ڪيم.

4

جام مولابخش بي وفا ڏک ڏنا،
تہ بہ نہ تنگ تي ڪڏهن ڪا بد دعــا ڪيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 35

پلي ڪر سدا ڪر جئين شل جفائون،
اجــان آزمــايو اسان جون وفــائون.

1

تنهنجي هر ستم تي لڙڪ هوندا گونگا،
ڪڏهن ڪو نہ پڌندين متا تون فـغـائون.

2

ڪـري نــاز نخرا ستا پيو سدائين،
اسان کي اکين تي اوهان جـون ادائون.

3

اوهان جي جفا تي ڪنداسون صبر،
ڪنداسون نہ شڪوو نہ دانهون گلائون.

4

مولابخش جو ڪـو توسان زور ناهي،
اسان وٽ آهن عرض ۽ التجائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 36

سوين دانهون ڪٽي دل ۾ تنهنجي در دلربا آيس،
دنيا ساري ڏڪاريو پر توهان وٽ اڄ تنها آيس.

1

دوا دارون دنيا ۾ ڪو سڄڻ توکان سواءِ ڪونهي،
دنيا ۾ دربدر ڀٽڪي صفا ٿي لادوا آيس.

2

ڪريو ٻينار تي پيارا رتي ڪا رحم جي راڻا،
سوالي ٿي سڄڻ سهڻا سڻي تنهنجي سخا آيس.

3

لڳي دلدار دل توسان لهين تون دم نہ تو دل تان،
سهارو صرف تنهنجو آ ڇڏي ٻيا آسرا آيس.

4

سدا مولابخش ماري اهائي مونجهہ پئي مونکي،
الائي ڇا هئس ۽ ڇا منجهان ٿي يار ڇا آيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 37

جفا ڪر جفا ڪر تنهنجو ڪم جفا آ،
اسان پيو ڪريون چا اسان وٽ وفا آ.

1

ملو يار مرڪي وڃن مرض منهنجا،
منهنجي درد دل جي اهائي دوا آ.

2

جدا تي ويا سون ڪنهن جو ڏوهہ ڪونهي،
وڏو هي وڇوڙو ڪرم ۾ قضا آ.

3

حسن تي نہ ڪر تون پلا يار بانور،
چڱو ڪو نہ بانور ڪڏهن تيو مٿا آ.

4

مولابخش چا تيو زمانو رنو جي،
ڪنهن جي ڪاڻ ڪونهي، پنهنجو هڪ خدا آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 38

قرب تنهنجي ڪيو قيدي، قرب قابو ڪڙيا آهيون،
سدا سڪ سوز سورن ۾، سڄڻ سائين سڙيا آهيون.

1

توهان تر جيترو توجهه، ڏنو دلبر نه دانهن تي،
عمر ساري اوهان جي در، رنا آهيون رڙيا آهيون.

2

نه ڪو ڪينو نه ڪا ڪلفت، اسان ڄاڻون اصل ڪان ٿا،
اسان اخوت محبت جا، سبق ساري پڙهيا آهيون.

3

اسان صوفي صفا ساده، صلح سڀ سان چاهيون ٿا،
اچي احمق عدوئن جي، عداوت ۾ اڙيا آهيون.

4

ميجن مولابخش منهنجي، مخالف سادگي پڻ پيا،
وڙهيا ناحق اسان سان ڪي، اسان پوءِ پي مڙيا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 39

تيو ڪير آ بيوفا، تون نہ پڇ،
اسان جا اسان ڪان، قصا تون نہ پڇ.

(1)

وفـا جو قدر ڪرڻ ڪجهہ تو ڪيو،
وفـا جي ڪرين چو پڇا تون نہ پڇ.

(2)

تنهنجو ڪر جفا آ اسان جو وفا،
اسان چو ڪريون پيا وفا تون نہ پڇ.

(3)

ڪري ترڪ محبت، وساري ڇڏيئي،
رهون ٿا ڏکيا يا سکيا، تون نہ پڇ.

(4)

مولابخش ڪان ڇڏ، اجائي پڇا،
پڇا تي تيون ٿا خفا تون نہ پڇ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 40

مل مٺا يا مار مرڳو، هاڻ هڪڙي ڳالهه ڪر،
پاڻ پنهنجي خيال سان، ڪا پاڻ هڪڙي ڳالهه ڪر.

(1)

يا لڪي هن لوڪ کان تون مل مٺا مخفي ڪٿي،
يا ته ظاهر مل مچي مانداڻ هڪڙي ڳالهه ڪر.

(2)

چو ٿلها ڏيئي دلاسا پيو رلائين يار تون،
يا چني چڏ يا ته چڏ چڪتاڻ هڪڙي ڳالهه ڪر.

(3)

دين دنيا بئي نه ملندا گڏ سدا ڪنهن کي ڪڏهن،
هڪ ڇڏڻي پوندي بي جي ڪاڻ هڪڙي ڳالهه ڪر.

(4)

يا ڏکي ڪر ڏار يا تون مٺڙ مولا بخش کي،
مهرباني سان مٺا مون ساڻ هڪڙي ڳالهه ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 41

دور گهاري دوست دلبر ڳالهہ ڳاري پئي اها،
منهن متي ويو ماھ منور ڳالهہ ڳاري پئي اها.

(1)

جي ڏسان ڏانهس پرين تو پاڻ پرتي منهن ڪري،
آ رهيو هو بي خبر ڳالهہ پئي ڳاري اها.

(2)

ٺهہ ٺهين جنهن ڳالهہ تي، سا ڳالهہ مون منظور آ،
تہ بہ ڪري پيو يار نهڪر ڳالهہ پئي ڳاري اها.

(3)

جيئنءَ ڪريان پيو ميڙ منٿون پرچ پيارا يار تون،
تيئنءَ وڃي پيو وير ويتر ڳالهہ پئي ڳاري اها.

(4)

منهنجي مولا بخش منزل آهي تي مغرب طرف،
پر چڪي پيو يار اوير ڳالهہ پئي ڳاري اها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 42

درد ڏاران سڀ حقيقت ظاهري ڇٺو ڪيئن ڪريان؟
ڏور ڳهارين تون پيو بند شاعري ڇٺو ڪيئن ڪريان؟

(1)

باھ پڙڪي ٿي برھ جي. آھ بس نڪريو وڃي،
سڪ سڄڻ سهجي نہ ٿي پوءِ صابري ڇٺو ڪيئن ڪريان؟

(2)

ڇاپ جيئن ڇاپو لڳو دل تي صنم جو زاهدا،
ويئي طبع بنجي اثر بس آذري ڇٺو ڪيئن ڪريان؟

(3)

تون رهين بس دور ٿو محبوب مولابخش ڪان،
مان متا تنهنجي اڳيان سر حاضري ڇٺو ڪيئن ڪريان؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 43

ٽُند خوئي تيز روئي تون ڇڏيندين ڇئو ڪڏهن،
درد مندن کي دلاسو دوست ڏيندين ڇئو ڪڏهن.

(1)

خاص دل ۾ آس آهي مئي ملي تنهنجي هٿان،
تون ويهي ساقي صبح جي ونڊ ونڊيدين ڇئو ڪڏهن.

(2)

دل چوي دل ٺار دل ۾، دوست ديرا ڪر اچي،
جيء اندر جايون اچي، جاني اڏيندين ڇئو ڪڏهن.

(3)

دل وساري دنيا سري، تنهنجي صحبت ۾ صنم،
غير ڪان گوشو رهي، گولو گڏيندي ڇئو ڪڏهن.

(4)

پيو مُڃان ميڙون ملڻ لئہ، محب مل مرڪي مٺا،
ميڙ مولابخش جي منڙا، ميڃيندي ڇئو ڪڏهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 44

مون کي موهي مست ڪري ويو مرلي وارو جوڳيئڙو،
پانڌيئڙو هو پار پرين جو پرين پيارو جوڳيئڙو

(1)

آيو هو اورار پراران پيار جي ڪارڻ پرديسي،
پيار نہ مليس پار هليو ويو جيءُ جيارو جوڳيئڙو.

(2)

آيو هو هُو جهول پري سُرهي سُرهي بوءِ ڏيڻ،
ڪنهن نہ سڃاتو،ڪنهن بہ نہ ڄاتو جڳ کان نيارو جوڳيئڙو.

(3)

ساز وڄائي سوز جاڳائي ننڊ ڦٽائي نيڻن جي،
گهائي گهرا گهاءَ ڏيئي ويو گوندر يارو جوڳيئڙو.

(4)

جوڳي ٻي ڪنهن جوءِ هليو ويو جان وڃهي جهوري ڀر،
موٽي مولابخش ملي شل وري ٻوبارو جوڳيئڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 45

من مري ماندو مدامي من موهن تنهنجي ڪري.
جي جگر جيرا جلن پيا ڄانمن تنهنجي ڪري.

(1)

تات تنهنجي طلب تنهنجي تانگهه توڏي تن سندي،
پور پل پل پيار جا تا لهن ۽ چڙهن تنهنجي ڪري.

(2)

عشق تنهنجي ۾ بنيا ارض و سما گل چمن،
پاڪ پرور پيدا ڪيو عرشن ستن تنهنجي ڪري.

(3)

سونهن تنهنجي ڪي جُهڪي سنسار سارو ٿو سڄڻ،
ڪي مڪي ۾ ڪي مندر ۾ پيا جهڪن تنهنجي ڪري.

(4)

ملڪ مولابخش سارو محض هڪ مورت سبب،
ويد ڪي قرآن ڪي پوٿيون پڙهن تنهنجي ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 46

عرض آزيون التجائون مچ اگڻ تي آ عجيب،
ڪرم ڪر ڪاوڙ نہ ڪر قرب وارن سان قريب.

(1)

ڏار مونکان يار دلبر تي نہ دم دنيا اندر،
مل ڏسي ملندا سڙڻ پيا، روسيا* رهزن رقيب.

(2)

نہن تنهنجي نيو نهوڙي ناز ور نازڪ بدن،
حال تي ڪو پـال ڪر ڏس حال هيڻو آ حبيب.

(3)

چڏ رسامون رنج ڙاڻـا راڄ تي رهہ راڄ ۾،
محب مولابخشُ سان مل ماهرو مرڪي مجيب.

---

(روسيا معنيٰ ڪاري منهن وارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 47

تنهنجو آهيان تنهنجو هوندس، نہ پل توکي وساريندس،
کپي پيو ڪونہ ڪو توري نہ ٻي ڪنهن ڏي نهاريندس.

(1)

ڪياَ دوري درد تنهنجي اثر هي داغ جي دل ۾،
لڪايو لوڪ کان وتندس نہ ڏيهن کي ڏيکاريندس.

(2)

نہ تو جيسين سڄڻ سرچي ملين تون من موهن مونسان،
وچن آ يار تيسين پيو اُبالي حال گهاريندس.

(3)

ڪندس ميڙون سوين منتون ملڻ جي لئہ نہ تو مڃيو،
هٽي پوءِ پاڻ کي پٽ تي پاڻهيئي پاڻ ماريندس.

(4)

مٺيـون مولابخش مٺتون ڪندي دانهون سنڌ در تي،
اُيـو اُن جاءِ اچا کي سڄ اُلهائيندس اُياريندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 48

دل سڪي ديدار لئہ تي دوست ڇڏ تون دير آ،
ويا لنگهي سانوڻ سيارا پر نہ آئين هيرَ* آ.

(1)

محب موٽي مند ساڳي موت ساڳي ماڳ تي،
سيءَ لهي ويا وڻ ڦٽي پيا ۽ پڇي پيا پير آ.

(2)

ور واهوندن جا وريا واهَ، هير تي ٽڏڙي لڳي،
هير هن ۾ هوت دل کي هٿ ملڻ جي هير آ.

(3)

جي پڇي پانڌي پرين هٿ جي خبر ڇئجان هيئڻ،
هڪ ڪيو مولابخش مرڻينگ سڪ پيو خير آ.

(هير معنيٰ هيَل، سرائڪي لهجي ۾ هيل کي هير اچاربو آهي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 49

نہ تون سارين سچڻ ڦوکي سنياريان نير هاريان ٿو،
غريبي جال کيو غم ۾ گذاريا نير هاريان ٿو.

(1)

جدائي جان تي ڳاري وساري تو وڏو ماري،
اُتي آڏي اسر ڏاري اُساريان نير هازيان ٿو.

(2)

ڪري وئين يار ڏاڍايون مُٺيئي جانب اڳيون جايون،
تنهنجي لاءِ غزل وايون جهونگاريان نير هاريان ٿو.

(3)

نهوڙي نيو ٿي نازن سان، ڪنوئي يار ڪريان ڪيئن؟
تـڙپ ۾ تانگهہ تاري جيئن، تنواريان نير هاريان ٿو.

(4)

پتو ٿي ناهي پرين ڪي تہ ڪهڙو ڏک ڏکوين ڪي،
نہ مــولابخش ماڻهن ڪي ڏيکاريان نير هــاريان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 50

ڪئي تو ڪچهري ڪڏهن موهسان نہ روح واري،
سڪندي سڄڻ سڙي وئي جواني هي قوهہ واري.

(1)

صبح کان تان بہ سانجهي سوالي رهيس نہ سُئوتي،
الله يي اگهائي تو زاري صبوح واري.

(2)

اڄڪلهہ حسين خال رنگ روپ سان ٿا موهن،
باقي اندر ڪڙائي ساڳي آ توهہ واري.

(3)

طعنا مهڻا مولابخش سهي تڪاسون،
ڪئي عشق کان مون هاڻي توبهہ نصوح واري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 51

ڏک نہ دلبر دوست در تان جيئرو جو دم آهيان،
خوبرو خدمت ۾ رک مان خاص خادم آهيان.

(1)

جل جدائي جوش کان ويئي جميعت جسم کي،
دوست دوري درد کان ديوان دائم آهيان.

(2)

ٻول ۾ پانهي پڌل آهيان اوهان جي ازل کان،
قول مان قالو بليٰ تي قابو قائم آهيان.

(3)

عشق تنهنجي ۾ لکيا مولاٽ بخش گيت و غزل،
پيو نہ مونکي کو علم آهي نہ عالم آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 52

ڦٽو ڪر رنج تون راڻا هلي آ هاڻ موٽي آ،
نہ ڏس منهنجي مداين کي سجاڻي پاڻ موٽي آ.

(1)

سوا تو ڪان سيئي سوڍا ڪنول منجهہ ڪاڪ کو ماڻا،
برابر باغ ٿيا برجي ڇڏي سرهاڻ موٽي آ.

(2)

پرچ تون پاڻ ڏس پنهنجو نہ ڏس منهنجي مداين کي،
سدائين سوال تنهنجي در تي سرچا ڪاڻ موٽي آ.

(3)

رهن لک راڄ پر راڻا نہ ڪنهن سان روح ٿو ريجهي،
اٿر سر جو لڳو سودو سڄڻ تو ساڻ موٽي آ.

(4)

اڃان تنهنجي اڳين ساڳي آهيان مولا بخش مومل،
پلائي سان نہ پيرا پيچ پلي جيءَ پاڻ موٽي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 53

سڪان تو لئہ نہ تو سارين سڄڻ ان سور دل ساڙي،
ڦٽيس فڪرات فرقت جي فراقن ۔دل سڄي ڦاڙي.

(1)

سڄڻ توکي سنياريندي لنگهائي ليل مون ساري،
نکي ننڊ آئي نيڻن کي ڦٽي پرپات جان ڳاڙهي.

(2)

ملڻ لئہ ٿو مغز مارپان ميجان\ ميڙون ڪريان منٿون،
مڃي منهنجي نہ ٿو موران اٿس ڪانهہ يڪي ناڙي.

(3)

چرين جيئن ڇٺو طرف ڦيرا ڏيان تنهنجي ڏسڻ خاطر،
نہ چين آهي چري دل کي اسُر آڏي نہ پوچاڙي.

(4)

مري مولابخش تو لئہ نہ پيارا تون پڇين ٿو پل،
رهي ذل رات ڏينهن دانهن سبب ان رنج رنجاڙي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 54

هوت هينئڙي نار دلبر يار دل تو لئہ سڪي،
تو نہ مونکان ڌار پيارا گهار دل تو لئہ سڪي.

(1)

تن جي توڏي تاڻ آهي تانگهہ تنهجي تات آ،
نير وهنم نيهن ۾ جيئڻ نار دل تو لئہ سڪي.

(2)

سرس آهين سونهن ۾ سنسار ساري کان سڄڻ،
ماهپارا ملڪ جا مهندار دل تو لئہ سڪي.

(3)

موهي مولا بخش محبت مست ڪيو مجنون مثل،
وهہ ورنهن ڪينئڙو ويهڻ وينجهار دل تو لئہ سڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 55

سِڪي سِڪ ۾ سُڪي ويو سِڪي مرندس سگهيرو اچ،
جِيئڻ مُشڪل جُدائي ۾ نہ جيءَ سگهندس سگهيرو اچ.

(1)

ورونهن ڪئي وياڪل دل ويڳاڻل وڏوڻل دل،
نہ ڪوئي سڪ سوا توکان ٻڌڻ سمهندس سگهيرو اچ.

(2)

ميڄڻ تنهنجو مٿا آ ڪر اسان جو فرض بس آزيون،
اچڻ وس تو چوڻ وس مون پيو چوندس سگهيرو اچ.

(3)

طبيبن کان نہ تشخيص طبيعت جي توهان ري ٿئي،
جڏهن ايندين اچي ملندين تڏهن بچندس سگهيرو اچ.

(4)

جيئڻ جاني جدا توکان، نہ مولا بخش جي سرندي،
ملڻ لئہ ميڙ ميڙن جي مٿان مجندس سگهيرو اچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 56

فراقن دل وڍي ڦاڙي فضل جو يار ڦيرو ڪر،
ٻُري ٻي ڀاڳ پوري تي پلائي ساڻ پيرو ڪر.

(1)

تـڳان هڪ تـوهه تو تنهنجي نہ توري ٻي طلب تن ۾،
عـنـايت ڪر اها مونتي نہ پاسي ڪان پاسيرو ڪر.

(2)

اڳڻ ايندين انهي آسي اندر اکڙين اوجاڳا ڪيا،
اچڻ جو يار ڪو احسان اويرو يا سويرو ڪر.

(3)

هجي جهڙي نيت تهڙي مزوري يار ملندي آ،
منڊي ڪيڏ مَن مان مَن پنهنجو نہ مولا بخش ميرو ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل 57

چکـايمر ساءُ تو سک جو سدائين دل سکي تولا،
نهوڙيُ نيهن نيو تنهنجي نہ ڪر ناتو ڍلو ڍولا.

(1)

ڪپين ٿو تون خدا ساڪي خلق ٻي ڪان خفا آهيان،
ڳجهين ڳالهين ڳڻن ڳاريس ڳجهي تنهنجي ڪريان ڳولا.

(2)

سوا تو ڪان سڄڻ سائين سڄو عالم اونداهون آ،
عنايت سان اچين تون جي اڱڻ اڪين لهن اولا.

(3)

ڏکيندين دوست جي در تان ڇڏيندس تہ بہ نہ تنهنجو در،
منهنجو تون هک تنهنجا مون جيئڻ سڄڻ سنهيار سئو ڳولا.

(4)

اهي ڏکہ ڏور ٿي ويندا سڄڻ ايندو وصل ٿيندو،
نہ ٿي مايوس مولا بخش گهٽو آ مهربان مولا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 58

سڙيل دل سوز واري جون سچڻ سهٽا صدائون سُڻ،
الله ڪارڻ عشاقن ڏي اکيون خوني خماريل ڪڻ.

(1)

ڪيــا هــاجا هجر جاني جلن پيا جيءُ جگر جاني،
ڪڏهن ايندين انــدر پئي ڪائي اها اُڻ تُـــڻ.

(2)

وسارڻ سان نہ تو وسرين سدائين يار تون سپرين،
ڪري سينگار جي نڪرين تہ ڪن وهہ واهہ تا وڻ تڻ.

(3)

ورڻ جي وار تون وائي ملڻ جي منڌ آ آئي،
سچي ڏس سنڌ تي سائي ڦٽي ساوا تيا گُل وڻ.

(4)

مــري مـــولابخش تو لا سدا تنهنجي اٿس ڳولا،
ڍلي جا ڍول اي ڍولا ڍڪج تون عيب ۽ اوڳڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 59

هليو وئين هيئن ڇڏي تنها، هيئين جا هار وه ڙي وه،
ڇڏيئي سانگا صفا توڙي سڄڻ سينيار وه ڙي وه.

(1)

سڪان ساريان نه تون سارين سبب ڪهڙي سڄڻ سائين،
پلا ڇو بي سبب مونکان، ٿئين بيزار وه ڙي وه.

(2)

وسان ويجهو وريدن کان اڳي تنهنجا عهد اي هئا،
ڏيئي اڄ داغ دوري جو رهين تو ڏار وه ڙي وه.

(3)

مناسب هو نه منهن موڙڻ مٺا تو جيئن مٽيو مونکان،
جدا جيئري ڪيئي جاني جٽين شل يار وه ڙي وه.

(4)

تنهنجي سِڪ ۾ غزل ڪافيون لکان پُڏيو ڇون ماڻهو
لکيا مولا بخش آهن عجب اشعار وه ڙي وه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 60

ڪنيس ڪاڙهي ڪريان ڪيهون ڪهل تون ڪيچ وارا ڪر،
پُـليس پـنـڪـان پنڻ ۾ پيئي ڪنهن پيٽي تون پسلارا ڪر.

(1)

نہ واقف واٽ ڪنهن ورجي، وٽان ونجهلانُ وندر ووڙيان،
اسونهين اوجهڙي آهيان سٽائي تون سونهارا ڪر.

(2)

ڏڪـويو ڏونگرن ڏاڍو نہ توري ڏيِ ڏکن ۾ ڪو،
پٽر ۾ پير پيا ڦاٿي پٺو واري پسيارا ڪر.

(3)

بنيا مولا بخش مون لئہ مرون مارڳ مڙيئي مارا،
ڪروڙين ڪوهہ پيا ڪرڙا ڪرم ڪو تون ڪوهيارا ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 61

هميشه هجر هولن کان هيٺي حالات ۾ آهيان،
ڪڏهن ٿيندو فضل ٿيرو انهي فڪرات ۾ آهيان.

(1)

گذاريان رات ٿو ساري سڄڻ جي ڪاڻ مان جاڳي،
ڪندو ڪا نند پرين پل يا پهر پرڀات ۾ آهيان.

(2)

دنيا ۽ دين ٻئي وسريا ديواني دل سڄڻ تو لئه،
طلب ۽ تانگهه تنهنجي آهي تنهنجي تات ۾ آهيان.

(3)

مدينو يا مڪو مسجد وڃن ٿا ويل تنهن وسري،
اوهان جي عشق جي ايندو جڏهن جذبات ۾ آهيان.

(4)

نه پيو مذهب مڙهي سگهندين مِلان مولابخش تي ڪيئن؟
مگر آئون اهو عاشق نه ڪنهن جي نيات ۾ آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 62

تنهنجي سک سوز دل ساڙي خودي کي ڇڏ خدارا مل،
جيئڻ مشڪل جدائي ۾ جڏي جيءَ جا جيارا مل.

(1)

ڦٽي فرقت ڪيو فاني فراقن دل وڏي ڦاڙي،
پلائي پال پيرا ڪر پلائي سان پلارا مل.

(2)

پـنــان پنڙيـاٽ جيئڻ پل پل پيارا پيار ڏي پل ڪو،
صدائون سوال سائل جا سڻي سائين سونهارا مل.

(3)

ستـائي يار سک تنهنجي اُتاري رات آڌيءَ جون،
هجر هاڃي سبب هر هر ڪريان هٿ هٿ هونگارا مل.

(4)

مـري ويندس نہ جي سگهندس سوا توکان سڄڻ سائين،
مـيان مولابخش تي اڄ مهر ڪر ماهہ پيارا مل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 63

جدا تو کان جيئڻ آهي جنجل جاني نہ جي سگھندس،
وڏا وڌ ڏس وجودن کي ونجھل جاني نہ جي سگھندس.

(1)

فـراقي دل قتيل جي آ کپي تنهنجو فضل ڦيرو،
رڳـوئي تون رهين تو جي رُنل جاني نہ جي سگھندس.

(2)

سڙي سک ۾ سجڻ سائين اندر آگار تي ويو آ،
اگھائي عشق جي آهي اصل جاني نہ جي سگھندس.

(3)

ويهڻ وهم تيو وتان ونجهلان ويڳاڻو ٿيو ورهيـن کان،
تيس مولا بخش مجنون مثل جاني نہ جي سگھندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 64

هينئڙو حيران هر هر آ ڪيا هاڃا هجر دلبر،
انهيءَ ارمان ۾ آهي اندر تي ويو اگڙ دلبر.

(1)

نهائين جي نموني تو سڙان در سوز اي ساجن،
اندر ٽيا آڳ اولانيا نه ڪجهه ٻاڦون ٻهر دلبر.

(2)

حياتي تي بقا ۽ ڀروسو ڪهڙو يار آهي؟
ملي وڃ مهرباني ڪر پرين پل يا ٻهر دلبر.

(3)

نفل نيتان نمازون تو نيت آهي نفي جي هڪ،
ملين تون هڪ مٺا مونکي نه گهرجي مال زر دلبر.

(4)

زهد تقويٰ وڃي وسري طلب ۽ تانگهه تنهنجي ۾،
تنهنجو مولابخش آهي مدامي منتظر دلبر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 65

ءِ اڱڻ اڄ آس وارن جي عجيبا التجائون منجُ،
پلي ٻيءِ پاڳ پوري تان پلائي سان نہ پيرو پيچ.

(1)

سوا توکان سچڻ سهڻا نہ ساوڪ سائي گلشن ۾،
ڏيکاري باغ بربادي صفا سانوڻ لڳي تو سُڃ.

(2)

سڪان ساجن سدائين تو تنهنجي ديدار لئہ دلبر،
سڪايل کي سڪائڻ ڇڏ اکيون سامهيون سلوٽيون سڄ.

(3)

مرڻ هارو مٺا مولا بخش تنهنجي هجر ۾ آ،
مرڻ کان مهند اُن سان هڪ دفعو دلبر ملي تون وڃ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 66

ڪٿي نازڪ ڪڏهن نظرون نهارين ها تہ بهتر هو،
جڏي جيءَ کي جيئين جاني ٻجيارين ها تہ بهتر هو.

(1)

سڄڻ سوالي رهيس سڪندو سدائين سڙڪ هڪڙي لاءِ
پرين پيالو پنهنجي هٿ سان پيارين ها تہ بهتر هو.

(2)

ڏيئي گهورون جڏيئي گهائي نہ ڪيئي ڪا گڏ گذارڻ جي،
گهڙي ڪن يــار گهايل سان گذارين ها تہ بهتر هو.

(3)

ملڻ لئہ ملڪ تنهنجي ۾ مٿا مولابخش آيو
ڪلي خوش تي ڪٿي خوشتر ڪيڪارين ها تہ بهتر هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 67

منٿ مڃ مون ساڻ مل محبوب مغروري نہ ڪر،
دوست ڳاري درد دل محبوب مغروري نہ ڪر.

(1)

هڪ حياتي هڪ ٻہ ڏينهن مل منجهہ حياتي هڪ دفعو،
اڄ سيان ايندم اجل محبوب مغروري نہ ڪر.

(2)

سنجهہ صُبح تو در سدا پينار جيئڻ آ پيار لئہ،
پينار ڏي ڪو پهر پل محبوب مغروري نہ ڪر.

(3)

تنهنجي پرچاءُ لئہ پرين پل پل وجهان پوتيون پلاند،
تہ بہ رهين رانجهن رنل محبوب مغروري نہ ڪر.

(4)

مهرباني ساڻ تي مهمان مولابخش وٺ،
ويهہ گهڙي مون وٽ ونهيل محبوب مغروري نہ ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 68

ڪري وچ ڪو ڪڏهن پيرو پلا پورل پلائي ڪر،
جيئان جيسين نہ تون تيسين جڏي جي سان جدائي ڪر.

(1)

سچڻ مـاري درد هي دل خدا ڪارڻ خودي ڪي ڇڏ،
اگڻ تي اچ اڳيان پيو تل عنايت بس اهائي ڪر.

(2)

هجر هيٺا ڪيا نسي هڏ سڏيان سُڌ ڪيو سڄڻ ٻُڌو سڌ،
ملي وچ يا تہ ماري ڇڏ قبولڻ ڳالهہ ڪائي ڪر.

(3)

گهري مولابخش هر هر پري ڏي ڪو سڄڻ ساغر،
پياري هڪ پيالو پُر نشي نينهن جو نشائي ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 69

برهہ جي باهہ ٿي پڙڪي، جيرانِ تا ڇيپون جيرا،
جُدائي جوش جل ٻاريا، جلي ويا جيءَ جگر جيرا.

(1)

ڏکن ڏونهيون ڌنارن جون، ڏکايا داغ تئين دردن،
انهيءَ ٻارڻ جي ٻر ٻر ڪان پريو پيا ٻُٽ وچن پيرا.

(2)

برهہ جي بيقراري ڪان، برابر باهہ تيو بستر،
اسر آڌي نہ آرامي اکين مان آب اوهيرا.

(3)

اوهان جي عشق ڪان مليا، اسان انعام آهن هي،
اندر اُڻ تڻ اکيون آليون، عُمر ير وار اٿيپرا.

(4)

ڦني فرقت جي ڦوڙائي، قريب المرگ ڪيُو آهي،
مــنا مــولابخش وٽ آ، پيچاڙي دم ڀري پيرا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 70

ڪري وچ ڪو ڪڏهن پيرو پلا تون ڪنهن بهاني سان؛
جدائي جـانُ جهوري آ جلد مل تو ديواني سان.

(1)

ڪنان دوري سبب دلبر اکين مان جام واهيان جر،
اگـڻ تي ياد ايندو ڪر ڪميٽي وٽ قضاني سان.

(2)

هميشہ دور گهارين ٿو مٺا محبوب مارين ٿو،
نچيو نازڪ نهارين ٿو نموني نازياني سان.

(3)

مٺي سڪندي عمر ساري زورا ور يار مچ زاري،
مٺا ڪرڪا ملڻ واري تون مولابخش پاڻهي سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 71

وياسين يار جي وڇڙي ته باغن ۾ ملڻ ٿيندو،
ملڻ جيڪر نه ٿيو پوءِ پيو خوابن ۾ ملڻ ٿيندو.

(1)

اٿي پوندا ۽ حق گهرندا جڏهن هي هيسيل ماڻهو،
پيارا يار پنهنجو تن جلوسن ۾ ملڻ ٿيندو.

(2)

جڏهن ٿيندو ختم هي دور محبت تان بندش وارو،
تڏهن آزاد ٿي پيرن جي چانون ۾ ملڻ ٿيندو.

(3)

قحط ويندو وطن وسندو ٿيندي سائي جڏهن سنڌڙي،
تڏهن پوءِ ڪيت ڪيڙيندي ڪيتن ۾ ملڻ ٿيندو.

(4)

لهي ويندي جڏهن هي روڪ ماڻهن جي مٿان ماڻهن،
تڏهن مولا بخش هلندي چوراهن ۾ ملڻ ٿيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 72

سنيرِ دل تي سفر صنم کي ڏسون،
وڇوڙي ۾ وينا ڪنهن غم کي ڏسون.

1

ڪڏهن لامڪان ڪنهن مڪان ۾ نه ملندو،
اُتي اڄ جو اڄ هل عدم کي ڏسون.

2

ڏسڻ جو گهرون تا نه تو سوئي ڏسجي،
پيا هٿ لکن ۽ پدم کي ڏسون.

3

ڪدورت ڪدي رس ڪريمي کي ڪاهي،
ڪچاڙي لئه ڪنهن جي ڪرم کي ڏسون.

4

نڪا نعير ملندي منعم کان سوا،
مولابخش مرڳو ئي منعم کي ڏسون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 73

چپ سنهيارا چاڳلا تو چاڳ، تو چاڳ مون مارين تا،
ماهرو، مرڪي مکيو مسواڳ، مون مارين تا.

1

ملڪ ساڳي ماڳ ساڳي، مينهن موٽڻ مند تي،
تون نہ موٽين ماڳ ساڳي، ماڳ مون مارين تا.

2

رس نہ رانجهن تون رسين تہ ڏيهہ ڏوهاڳڻ ٿو چوي،
لاءِ نہ لالڻ اي لقب اي لاڳ مون مارين تا.

3

ٿو سڪان سارِيان سدا تنهنجي صورت کي صنم،
رات ڏينهن تو- لئہ روئڻ جا راڳ مون مارين تا.

4

منهن متيئي مولابخش ڪان کهڙي ڪاوڙ آ قريب،
ور وڇوڙي جا وڏيو ويراڳ مون مارين تا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 74

مونکي چريو پاڳل سمجهن ماڻهو يار اياڻا ڪي،
ڪئين ڏيکاريان تن کي آئون ڏاهپ وارادا ڪي.

1

مون تي ڪنهن جي چانوءِ به ناهي منهنجو هيسيل هاڻوُ به ناهي،
منهنجا حال ۽ خيال سدائين آهن شاهه شاهاڻا ڪي.

2

پنهجو پورو پاڻ نه ڄاڻن آيا هت ڇا ڪاڻ نه ڄاڻن،
سي ڇا سمجهن عشق جون خبرون سمجهن صاف سياڻا ڪي.

3

عاشق آهيان عشق جي صف ۾ شامل ناهيان ڏڪڙ دف ۾،
ازل ڪناِن ئي عشق ڏنا هي انگ انگ منجهه اولاڻا ڪي.

4

جهريو جهوري منجهه جهراِن تو تن لئه مولابخش مران تو،
ماڻهن جن هي ماڳ متي ڙي ترن برن ڪيا تاڻا ڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 75

مون مٺا مسڪين سان تنهنجي هٺي دل جو هٺي،
ڏيئي فقر فيراق منهنجي تو ڦٽي دل جو ڦٽي.

1

منهن مٺيو مون ڪان وتين تو کهڙي ڪاوڙ آ قريب،
چو ڪلي نہ ٺهڪ ڏين ٿو ويئي ٽٽي دل جو ٽٽي.

2

گهٽ غريبن جو ڪرين ٿو غور گهائي گهور سان،
گهاءُ انهي گهايس تہ تنهنجي آ گهٽي دل جو گهٽي.

3

اڄ نہ اڳيون آهي تنهنجو موڊ مولابخش سان،
مون ڪان مهندين محب ٿو محبت مٽي دل جو مٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 76

زماني جا طوفان متي نيٺ ويندا،
ڪڏهن واءَ گرم ۽ ڪڏهن سرد تيندا.

1

چڙيا لڪ لوساتي اگر پڻ پراڻا،
نوان پڻ گلن ۾ ڦٽي نيٺ پوندا،

2

وري واءَ ورندا وري وڻ ٻه ڦٽندا،
چتونئڙا چمن ۾ ٻوليون ٻوليندا.

3

نہ تي دل شڪستہ تون بلبل چمن ۾،
ايندي مند بهاري ۽ وڻ گل جهليندا.

4

مولابخش مايوس تي نہ ڏسي گهاءُ
پاڻهي ويچ ورندا پاڻهي گهاءَ چڙيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 77

دل ـ دکي دانهون ڪري ٿي دانهن ڪا دلدار ٻڌ،
ٻاجهه وارا ڪر مٺر ٻاجهه سان ٻاڪار ٻڌ

1

مهرباني سان ملن مونسان خلاصي جاءِ خليل،
حال مون ـ ٻي حال جو هيڪل ڪنو هيڪار ٻڌ

2

وچ درياءَ ـ ويرن وڪوڙي، ٿي وسيلو واهه وئي،
سير ۾ ٿيو ساهه سوڙو، پيو سڏيان سرڪار ٻڌ

3

ڪرم ري ڪانهي ڪنڌي هاڻي ڪپر ٿو ڪن ڪري،
ڪرم ڪارڻ ڪونج جيئن ڪٽڪان ڪريان ڪو ڪار ٻڌ

4

مهنڊئي مولابخش جا وينتين سانئن ويچ ڪيئي،
عرض هن اڳلي سندا اڄ ٻي دفعا ٻيهار ٻڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 78

ڪٿي نازڪ ڪنڌن نظرون نهارين ها تہ بهتر هو،
جڏي جيءَ کي جيئين جاني جيارين ها تہ بهتر هو.

1

سچڻ سوالي رهيس سڪندو سدائين سڪ هڪڙي لاءِ،
پرت پيالو پنهنجي هٿ سان پيارين ها تہ بهتر هو.

2

سڪي سڪ ۾ سُڪو آ رت سندم سائو نہ سنڌ آهي،
سڪايل کي سڄڻ سائين سنيارين ها تہ بهتر هو.

3

ڏيٺي گهورون ڇڏيٺي گهائي، نہ ڪيٺي ڪا گڏ گذارڻ جي،
گهڙي ڪا ڪن گهايل سان گذارين ها تہ بهتر هو.

4

ڪيم ڪيهون قرب ڪارڻ قرب ٻڌران ڪيئي لوڏي،
ڪميٺي کي نہ کوهيارا ڪوارين ها تہ بهتر هو.

5

ملڻ لئہ ملڪ تنهنجي ۾ متا مولابخش آيو،
کلي خوش تي ڪٺي خوشتر ڪيڪارين ها تہ بهتر هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 79

وڪوڙي دل ورونهن آ، وساريئي يار ڇا ڪريان؟
بنايم اڄ برهه بلبل مثل بيمار ڇا ڪريان؟

1

سوين راتيون سڏيم سڏڪا پريو. سڏ سُڻا نه تو ساجن،
عجب آهي وئي تي ني اثر اوچنگار ڇا ڪريان؟

2

سوا تو ساوڪن ۾ سُڄ ملين سڄ ۾ نه سِڄ ساوڪ،
بنا تو بر لڳي تي مون پري بازار ڇا ڪريان؟

3

ڪيو قالو بليٰ قيديٰ قلب قابو ۾ دل قابو،
ازل ڪان ئي اڙيو ارواح اندر اقرار ڇا ڪريان؟

4

مڪر مولابخش ميڙون نه تا مهندان ميڄن موران،
ڇڏيا سانگا سڄڻ توڙي صفا سنهيار ڇا ڪريان؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 80

زماني سڄي کي صفا بس ڇڏيوسون،
هينيو هيڪڙي جي حوالي ڪيوسون.

1

هري دلڙي هڪ هنڌ هُري هڪ هيئن ۾،
حسن صرف هڪ جي نهوڙي نيوسون.

2

هئي دل بہ هڪڙي حوالي بہ هڪ جي،
هتي هاڻ باقي بدن بس بچوسون.

3

وسي دوست ۾ دنيا ڏوڙ پانيون،
خلق سان ڪلڻ جو ڪچي خيال ويوسون.

4

مڙيئي يار مولابخش دل هُتي آ،
هتي جو ڏنڌو دل وندر لا ڪيوسون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 81

سور تنهنجي سک ڦٽايا ثابتي لئہ گيت پڌ،
سوز ساڙي سور جا ساجن سريلا گيت پڌ..

1

نيهن نيو نازڪ نهوڙي نند نيڻن کي حرام،
جل جدائي جوش کان جوڙيان جوشيلا گيت پڌ

2

پيو گذارين تون پري پيغام پهچڻ کان پري،
من پڄي پيغام جهونگاريان انهيءَ لا گيت پڌ

3

حال مون بي حال جو آڻي بہ آخر ڪير ات،
هي پڌائن حال جي لئہ هوت حيلا گيت پڌ

4

راڳ تي ريجهي اي راڻا مان محفل ۾ اچين،
پيو پڙهايان رس رهاڻن منجهہ رسيلا گيت پڌ

5

مان مدامي مست مولابخش ملڪان ملڪ ۾،
دوست ڳايان درد کان در در درديلا گيت پڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 82

يار پيا سپ مون وساريا يار هڪ تنهنجي ڪري،
دل سڃي دنيا ڪنان ٿئي ڏار هڪ تنهنجي ڪري.

1

سڪ سنڌ ساڄن وڃايم سڪ صبر سالم دماغ،
ننڊ ڦٽي نيڻن وهايان نار هڪ تنهنجي ڪري.

2

ڏن دولت جو نہ دل ۾ دم ٿئي دلبر دليل،
درد واري دل ٿئي دلدار هڪ تنهنجي ڪري.

3

يا خطا يا ڪا خيانت ڪانہ مون ڪنهنجي ڪئي،
خاص ڪائي خلق مونتي خار هڪ تنهنجي ڪري.

4

سڪ نہ سهٽي سنڌ ۾ تو ري، مليم مولابخش،
ڍهہ لڳي مونکي وطن وينجهار هڪ تنهنجي ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل 83

سال تي ويا حال اوريئي آءُ تہ اوريون حال ڪي،
آ اگڻ تي پيچ نہ پيرا ڪر پلايون پال ڪي.

1

اڄ نہ تو سان عشق آهي هو ازل کان ئي عجيب،
ساهہ ۾ سانڍيم سڄڻ سڪ تنهنجي صديون سال ڪي.

2

رب ڪريان راضي انهي لاءِ مان ميڙي محب مون،
پيا نہ ڳهرجن مونکي موران موتي ماڻڪ مال ڪي.

3

مون ڏٺيون مولابخش لک مور جهڙيون مورتون،
مٽ نہ پانيان مور سي سهڻا سڄڻ تونال ڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 84

منهنجي جنهن سان آهي تني الفت الستي دلربا،
دل تي دائم نقش آهي هڪڙي هستي دلربا.

1

دل لڳي ويئي دوست توسان تون هنئين ۾ هڪ هميشه،
خار ڪائي خوب ان ڪان خلق خستي دلربا.

2

ڪر نه قاضي ڪاوڙون محبت نه ٿيس مئي خانه ۾،
عشق وارن ڪي ڏسي تي راهه رستي دلربا.

3

واهه وريو ڪهڙو الاجي ملڪ تنهنجي ۾ مٿاء،
آهي هڪ محبت مهانگي سڀ شيء سستي دلربا.

4

مهند مولابخش ڪان ڪُي ملڪ تو لئه مست هٿاء،
مڙني مستن ڪان مٿي آ مونکي مستي دلربا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 85

هٿ ۾ هٿ گڏ يار هٿا پر ڏينهن سي گذري ويا،
سونهن هئي سينگار هٿا پر ڏينهن سي گذري ويا.

1

مخفي ملاقاتون هيون محبوب سان ميلاپ هو،
ناز ۽ نخرا هٿا پر ڏينهن سي گذري ويا.

2

اک اکيۡ سامهون ڪتل هئي اکَ اشارا هٿا عجيب،
چشم چقمق چار هٿا پر ڏينهن سي گذري ويا.

3

پٽ پٽيهر جون پوشاڪون پهريل هيون پرواه نه ڪا،
نيڻ سرميدار هٿا پر ڏينهن سي گذري ويا.

4

منهن ۾ مهڪ مکڙي مثل هئي موج ۽ ميڙا گهمڻ،
گهوڙا به ميڙي مار هٿا پر ڏينهن سي گذري ويا.

5

جوش هو جواني هئي جوڀن هيو جنسار هو،
برهه برسِ بار هٿا پر ڏينهن سي گذري ويا.

6

مهل مهندوڪي وري مولابخش مشڪل ملي،
عشق هٿا اشعار هٿا پر ڏينهن سي گذري ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل 86

ڇڏ دنيا او دنيا وارا هي حياتي بي بقا،
ور خدا ڏي ڇڏ وسارا هي حياتي بي بقا.

1

محل محلاتون مزا آل اولاد و عيال،
اي مڙيئي اٿنان اوڌارا هي حياتي بي بقا.

2

هي هلڻ جي جاءِ آهي هت نہ هونداسون هميشہ،
هوڏ هٺ کي ڇڏ هنيارا هي حياتي بي بقا.

3

گهوٽ ۽ گهوڙي سواريون گل سنگهڻ گلشن اندر،
باغ يا بستيون بهارا هي حياتي بي بقا.

4

ڪٿ ڪسر ڪسريٰ جا رهندڙ اڄ اڳيون آجون ڪٿي،
منجهہ قبر ڏس ڪلنگي وارا هي حياتي بي بقا.

5

ابدال عارف اڄ ڪٿي ۽ انبياءُ جي اڳ هئا،
ات وٺو عبرت او يارا هي حياتي بي بقا.

6

”ڪل نفس ذائقتہ الموت“ مولابخش سمجهہ،
ڪر عبادت ڪجهہ اسارا هي حياتي بي بقا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 87

منهنجي منڙن مارن جو شل ديس سدا آباد هجي،
سهڻي سنڌڙي وارن جو شل ديس سدا آباد هجي.

1

جت مردِ اهڙا مرد هجن جي مرندي مورڻ مات ميَن،
تن دولهه دوري پارن جو شل ديس سدا آباد هجي.

2

جي پايون اهڙا پار جڻن سنڌڙي تنهنجي سوڻهن ٿين،
تن پاين پاڳهي پارن جو شل ديــس سدا آباد هجي.

3

جي جويون پنهنجي لڄ مرن ۽ ڏاريا کهنيا ڏوڙ وجهن،
تن ماين مارئي پارن جو شل ديس سدا آباد هجي.

4

جي مولابخش مرد هئا ۽ سنڌڙي جي چٽو گرد هئا،
تن مائهن مـٽيادارن جو شل ديس سدا آباد هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غــزل 88
## (وڏي پٽ لاءِ دعا)

ڪندو مولا مدامي تون منيرا يار خوش هوندين،
هوندءِ رب پاڪ جي رحمت هيئين جا هار خوش هوندين.

1

گلابن جي گلن وانگر ڪڙيو رهندين ٽڙيو رهندين،
هوندين سرهو سدائين تون اندر سنسار خوش هوندين.

2

منهنجون دعائون صدائون هي اگهائيندو الله سائين،
وڏي هوندي عمر تنهنجي سدا صدبار خوش هوندين.

3

خدا تنهنجي خُلق خاصي ڪندو هن خلق ساري ۾،
ڪندين چوڏهين مثل چنڊ جيئن چمڪ چمڪار خوش هوندين.

4

اسان آهيون وچڙ وارا اوهان آهيو رهڻ وارا،
اگر ڏيندين اسان کي پل پيارا پيار خوش هوندين.

5

گهري مولابخش تو لئه صبح سانجهي دعائون ٿو،
دنيا ۾ دم بدم دائم منهنجا دلدار خوش هوندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي 1

تو رُسي راڻا رلايو تي رلان راتو ڏينهان،
وئين رئاڙي رت ڦڙا روئيندي وتان راتو ڏينهان.

1

مينترا ري موڪلائي تو ميو موڙيو جڏهن،
پوءِ نہ ستيس ڪا گهڙي سک ساک سان راتو ڏينهان.

2

هڪ مٽيو تو منهن مٺا پيا ملڪ جا مهٽا مٽر،
سور انهيءِ پيئي سودا سڙان راتو ڏينهان.

3

نالي مولابخش ڪر ونج جو راڻا رکيئي،
موٽ مٺڙا منت مڃ ميڙون مڃان راتو ڏينهان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي 2

تون نہ ڇڏ مان تنهنجي آهيان گند يا گندري گندي،
جهڙي آهيان تهڙي آهيان سهڻا سائين تو سندي.

1

سو ڪري ٿو سوئي. ڙ جهڙو جنهن کي ٿو جڳائي،
تون ڙرا ڪر پلايون مان هجان ميري منڌي.

2

تون هلائج مونکي سائين سنيئن صراط المُستقيم،
آئون اسونهين اوجهڙي اونداهہ ۾ آهيان انڌي.

3

وڃون وکوڙي ويرون مونکي هن سمونڊي سير ۾،
ڪرم سان ڪر ڪنهن ڪناري ڪرم ري ناهي ڪنڌي.

4

سوچ ٿي مولابخش اڄ من مٿان مونجهار وڌا،
لفظ هڪ ”لاتقنطومن الرحمت الله“ جو ٻڌي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي 3

سور تنهنجي سک ڦٽايم سرت گم ساري صفا،
بلڪ بيحد بي قراري جان آزاري صفا.

1

قرب تنهنجي جو قلب ۾ پيو ڪڙهي ڪاڙهو قريب،
سور آهم تو سڄڻ صورت نہ ڏيکاري صفا.

2

ڪر ملڻ منظور يا مار مڃ تون ڇنت هڪ،
زور زورا ور نہ توسان ظاهري زاري صفا.

3

ياد هڪ تون يار آهين دوست دل ڪي دم بدم،
دل سڄي دنيا ڪنان ڪئي آ بيزاري صفا.

4

سار لهہ سک ساڙيو پهچان بہ ٿيو پنڌ پري،
يار بت مان ست ختم ٿي ات پڄڻ واري صفا.

5

سک وارن لئہ هجن جي سئو ڪوهہ تہ بہ سڏ پنڌ ٿئي،
هل ملون مولابخش تو چو همت هاري صفا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي 4

سڄڻ تو لئہ سڪان توکي سنياريندس عمر ساري،
اندر پيو عشق تنھنجي ۾ اجاريندس عمر ساري.

1

ڪٿي سھڻيون اکيون ساميون سنئي سيني اندر صيفون،
ڪنان ان گھاءُ گھايل ٿيو گذاريندس عمر ساري.

2

قرب تنھنجي ڪيس قابو ڪچاڙو پوءِ ڪريان ڪنھن ٻئي؛
ڪڙي ڪونين ڪوٺن ڪان ڪنواريندس عمر ساري.

3

اکر "انمايريدالله" اُچارڻ ڪان عجيبا پوءِ،
نہ شامل شان ۾ توسان شماريندس عمر ساري.

4

حڪم ھڪڙوئي مليم مولابخش "مدت فيِ القربيٰ"،
نہ ديگر دوست دنيا ۾ تہ ڏاريندس عمر ساري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي 5

لڪا سون پڳاسون، نہ بلڪل ٻپياسون،
اڙي عشق جي ۾ اچي نيٺ وياسون.

1

هنيو نيهن نارو، پڳو عقل سارو،
پري ويو پيارو، ٻارڻ منجهہ پرياسون.

2

عشق جي اگهائي ۾ سنڌ سنڌ سڪائي،
جلي منجهہ جدائي، رڳو رک ٿياسون.

3

برهہ جي بيماري، نيئي سرت ساري،
نظر ناز واري، نهوڙي نياسون.

4

مولابخش ماتم، مثل آهي محرم،
وڇوڙي سندي غم، ڪنان ٻي رناسون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي 6

عجب آهي عجب آهي عجب آيو زمانو آ،
هليا ويا باغ مان بلبل چمن جو آشيانو آ.

1

دنيا ڇا هي دنيا سان ڇو اڙائي دل اڙيو آهين،
بلا آهي بري آهي بڙو هڪ بند خانو آ.

2

نہ هي هوندو، نہ هُو هوندو هميشہ حيءُ هوندو هڪ،
رهي ڪوُ ڏينهن ڪو سالون ٿيو هر هڪ روانو آ.

3

مهل سک جي سيئي سنگتي ڏسي ڏک ۾ مٽن منهن تا،
اهو دستور دنيا جو اهو ئي دوستانو آ.

4

عقل اعمال جــي آڌر عمر انسان تو گهاري،
سبب ڪهڙي مـليا ڏک سک اهو خالي بهانو آ.

5

هزارين رنگ جي دنيا هزارين ڏي لقب مونکي،
چڱو ڪو چئي مدو ڪو چئي مولابخش مستانو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي 7

تنهنجي تات لڳم لات، ڏينهان رات روئان تو،
هلي آءُ گلي لاءِ، تنهنجي ساءُ سڪان تو.

1

لڳي هير اندر جهير، پون نير وهن تا،
نڪو ڏينهن نڪو رين، سڄڻ چين ڪيان تو.

2

تنهنجي نيهن سندي شيهن، ڏنگيو ڏينهن ڏٺي جو،
انهي ڏنگ درد دنگ، ڪيو هاءِ روئان تو.

3

ڏسي حال ڪري پال، مجي سوال هلي آ،
نڪو زور منا مور، پلو پانڌ وجهان تو.

4

نہ ٻيي چاڻ رهي هاڻ، پنهنجو پاڻ وڃايم،
تنهنجي عشق سندي مشق، مولابخش لڪان تو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي 8

لڳمر پـاروچو پاڻ جيڏيون،
گهر نہ گهاريندس هاڻ جيڏيون،

1

ڪـوهہ رلندس ڪاڙهہ تتي ۾،
ڪـوهياري جي ڪاڻ جيڏيون.

2

جيڏانهن آهي جوءِ جتن جي،
تيڏانهن تن جي تاڻ جيڏيون.

3

پنيان پنهل پٽرن ۾ پٽي،
پرزا ٿيندس پاڻ جيڏيون.

4

من ۾ مولابخش منڊي ويو،
محبت جو ماڻداڻ جيڏيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي 9

کيو يار قسمت پري ڇا ڪريان؟
سنڌو عشق پارڻ پريَ ڇا ڪريان؟

1

هجي وس ها تہ هيئن نہ سڪان ها،
نڪي راتيون جاڳي روئان ۽ رڙان ها،
نہ تي ميلو قسمت ڪري ڇا ڪريان؟

2

ملڻ لئہ تنهنجي ڪي حيلا ڪيا مون،
ڏاڍا در فقيرن پيرن جا پڇيا مون،
نہ تو رب ملائڻ گهري ڇا ڪريان؟

3

مولابخش مرڪڻ ڪڏهن ڪر ڏنو هئم،
اها مرڪ من تان وري ڪانہ وسريم،
هنيئڻ ۾ اچا تي هري ڇا ڪريان؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي 10

راڻا تنهنجي راڄ ۾،
ڪئي مونسان ڪنهن نہ وفا.

1

مان جن جي لاءِ مئيم، جي پنهنجا ٿي سمجهيم،
سڀ ڏاريا ثابت ٿيا، ڪئي مونسان ڪنهن نہ وفا.

2

مون جنهن کي ٿي ڳولي، سڀ ڳهاءِ ڏسيا دل کولي،
تن ويتر ڳهاءُ ڏنا، ڪئي، مونسان ڪنهن نہ وفا.

3

ڪيئن ڪنهن ڪان منهن موڙيان ڪيئن، پنهنجو شيوو ٽوڙيان،
آهي منهنجو شيوو وفا ڪئي، مونسان ڪنهن نہ وفا.

4

ڪيئن ڪريان ڪا بہ شڪايت، آهي پيار محبت عادت،
منهنجي مولابخش صفا ڪئي، مون سان ڪنهن نہ وفا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گيت 1

اڏي جا عاشق آهيون يار،
ڪيئن ڪنڌ ڪڍايون يار.

1

مرڻ ۾ آهي مان اسان جو، ڊڄون مرڻ کان پوءِ پِلا ڇو،
اڙڏا اڙٻنگ آهيون يار، ڪيئن پوءِ ڪنڌ ڪڍايون يار.

2

هن سماج جا آهيون باغي، سچ چئون پيا ساڪي ساڪي،
ڳلي ڳلي پيا ڳايون يار، ڪيئن پوءِ ڪنڌ ڪڍايون يار.

3

مهٽو سمجهون موت اسان، رڻ جا آهيون گهوٽ اسان،
رت جي ميندي لايون يار، ڪيئن پوءِ ڪنڌ ڪڍايون يار.

4

مهٽو مولابخش مرڻ ۾، کهڙي آ پوءِ جس جيئڻ ۾،
مارو مر ته ملهايون يار، ڪيئن پوءِ ڪنڌ ڪڍايون يار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گيت 2

تنهنجي پڇ ڳڇ مون کان ڪهڙي، پڇ نہ زمانا منهنجا حال،
آئون اليلو آئون اڪيلو، ڪو بہ نہ منهنجو ٿيو هم خيال.

1

آئون هڪ مست، موالي آهيان، دل ۾ وينو پور پچايان،
ڪنهن جي لاءِ ڪجهہ ٿو ڳايان، مونکي ڪيو آ قرب قوال.

2

تون ٿو پوڇين سوئي پوڇ، مان ٿو پوڇيان ڪينجهر منڇر،
مرشد منهنجو آهي قلندر، مستو مست قلندر لال.

3

مونکي وٺيو ڪو ڪو ماڻهو، جيڪو ماڻهو موتي داڻو،
پاڻ وفا ري ڪجهہ نہ ڄاڻون، تون ٿو چاڻين تيرهن تال.

4

مونکي تنهنجي سمجهہ نہ آئي، وٺي بہ تنهنجي ڳالهہ نہ ڪائي،
تو وٽ نيائي يا انيائي، هئي هڪ جهڙا هڪڙي ڳالهہ.

5

مولابخش مولائي آهيان، هڪ جو آهيان، ٻي جو ناهيان،
جنهن جو آهيان تنهن کي چاهيان، ٻي جو مون سان ڇڏ سوال.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳيت 3

ڳوڙ اڙي دل ڳوڙ،
کهڙا تنهنجا سيڻ سچا.

1

ڪنڊا ڪنهنجي ڪچ ۾ آهن،
ڪنهن جي مگرا جهول،
ڳوڙ اڙي دل ڳوڙ.

2

ڪنهن جي منڙي پولي آهي،
ڪنهن جا ٻاڙا ٻول،
ڳوڙ اڙي دل ڳوڙ.

3

ڪير مدامي موڪيءَ وٽ هئا،
کهڙا آيا هاڻي رول،
ڳوڙ اڙي دل ڳوڙ.

4

مهل ڪمهلو مولابخش،
هل ڇڏ تـال مٽول،
ڳوڙ اڙي دل ڳوڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گيت 4

آءُ اڱڻ تي ڏول اسان جي،
آءُ اڱڻ تي ڏول.

1

تي نہ پري تون پاڻ ڪري،
هي ونحن اقرب وارا ٻول،
آءُ اڱڻ تي ڏول اسان جي،
آءُ اڱڻ تي ڏول.

2

ساجن تنهنجي سڪ اندر ۾،
آهہ ڪا انمول،
آءُ اڱڻ تي ڏول اسان جي،
آءُ اڱڻ تي ڏول.

3

ڏار اوهان جي دلبر آهن،
هر هر هينئڙي هول،
آءُ اڱڻ تي ڏول اسان جي،
آءُ اڱڻ تي ڏول.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي 1

کانهي کاڙهي جي کاڻ،

سڄ پلين ڪر تاءِ تکو.

1

روهه تتي رڙهندي رهنديس، مان ته ڪوهيارل ڪاڻ،

سڄ پلين ڪر تاءِ تکو.

2

ويندس ورڻو مور نه آهي، ڪوهه ڪندي ڪوساڻ،

سڄ پلين ڪر تاءِ تکو.

3

مون به چکي آ پنهنجي منزل، مور نه هٽنديس هاڻ،

سڄ پلين ڪر تاءِ تکو.

4

ماڻ نه مولابخش ڪر ڪا پل، تون پنهنجي گرمي آڻ،

سڄ پلين ڪر تاءِ تکو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي 2

خوف نہ دل ۾ ڌار سگهي، ڏوريندي هل ڏونگر ۾،

1

نيت تہ اڳ پوءِ مرڻو آهي،
پاڻ مري کو جيار سگهي،
ڏوريندي هل ڏونگر ۾.

2

هلندي هل تون هلندين پُڄندينءَ
هانو نہ ڪنڌهن هار سگهي،
ڏوريندي هل ڏونگر ۾.

3

پاڻ پٿون ڪن پٿرن ۾ ٿا،
پريت وندن جا پار سگهي،
ڏوريندي هل ڏونگر ۾.

4

ڏر نہ ڏاڍي ڏونگر ڪان،
ڏونگر ڪيي تون ڏار سگهي،
ڏوريندي هل ڏونگر ۾.

5

موت نہ ملندئي موڙڻ ڪان پوءِ،
مولابخش ميار سگهي،
ڏوريندي هل ڏونگر ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## واڻي 3

کيئن هي مونکي گهاءُ لڳا،
کو به نہ ڄاڻي کو بہ نہ ڄاڻي.

(1)

ڪنهن جي جهوريو جهوراڻي آ،
ڪنهن لئہ نيڻن نير نيا،
کو به نہ ڄاڻي کو بہ نہ ڄاڻي.

(2)

ڇو، ڇڏي ڏونگر ڏوريم،
ءُ ڇو پٿرن پير ڦٽيا،
کو بہ نہ ڄاڻي کو بہ نہ ڄاڻي.

(3)

ڪهڙي ڪنهن ڪي ڪاوڙ هئي؟
ءُ ڪنهن هي ڪک پر ڪانڌ هڻيا.
کو بہ نہ ڄاڻي کو بہ نہ ڄاڻي.

(4)

رات ڪمهلو مولابخش،
ويهي ڇو هئا گيت لکيا،
کو بہ نہ ڄاڻي کو بہ نہ ڄاڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واٺي 4

ڪنهن وٽ ڪريون دانهن،
سرتيون ساڙيو سماج.

1

سڀ وڻ ساڙي ڇڏيا سياري،
ڪونهي سائو ڪٿ ڪو ڪانهن،
سرتيون ساڙيو سماج.

2

ڪو پيو پاڙان ڇپ پٽي،
ڪو ٿو ڪاٽي پانهن؛
سرتيون ساڙيو سماج.

3

ڪوبہ نہ چاهي ڪين مڪڻ ڪي،
سڀ ڪو چاهي ٿو اڄ ڇانهن،
سر تيون ساڙيو سماج.

4

ڪنهن ڏي ڪونهي حرف بہ هڪڙو،
مولابخش مڙيئي مون ڏانهن؛
سر تيون ساڙيو سماج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي 5

کول پکي کنب اڏر،
پاڻ ڇڏاءِ تون پڃري کان.

1

قيد ڪٽيندي ڪسين تائين،
اٿي اڏڻ جو سعيو ڪر،
پاڻ ڇڏاءِ تون پڃري کان.

2

ڪنهنجو قيدي ناهين تون تان،
توڙ پنجوڙ پکيڙي پر،
پاڻ ڇڏاءِ تون پڃري کان.

3

پيا ڏس پيا آزاد اڏامن،
تون ڇو ٻاندي بند اندر،
پاڻ ڇڏاءِ تون پڃري کان.

4

ڪاهُ ڪو آزادي لئه پڙڪو،
توڙي پڃرا لوهي در،
پاڻ ڇڏاءِ تون پڃري کان.

5

معنيٰ مولابخش پروڙ،
آزادي ڪو آهي ثمر،
پاڻ ڇڏاءِ تون پڃري کان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي 6

اديون آيس عشق اري،
پيئر منهنجي بس بنيوران.

1

مرڻ جيئڻ آ وس مولاجي،
ويندس ويني کيئن سري،
پيئر منهنجي بس بنيوران.

2

خان پنهل ري ڪٿن نہ سمهندس،
پاهون ڪريو پلنگ پري،
پيئر منهنجي بس بنيوران.

3

ور ري ويهي گهر کيئن گهاري؟
سرتيون سڀ کا سوچ ڪري،
پيئر منهنجي بس بنيوران.

4

آريچن سان انگ اڙيو آ،
دل مانڊي مولابخش مري،
پيئر منهنجي بس بنيوران.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي 7

هليو ويندس مان تون پڪ ڄاڻ،
ايڏو تون نہ ستاءِ زمانا.

1

منهنجي گيت غزل جي رهندي،
ساري سنڌ اندر سرهاڻ،
ايڏو تون نہ ستاءِ زمانا.

2

جيون ۾ جاڙ او جيڏيون،
ڪو ئي سهي تو ڪنهنجي ڪاڻ،
ايڏو تون نہ ستاءِ زمانا.

3

چاهي فلڪ رنو رت آهي،
چو ٿئي لهندي سج لالاڻ،
ايڏو تون نہ ستاءِ زمانا.

4

مرڻ تہ مولابخش مجيندس،
پر نہ مڃيندس ڪنهن جي آڻ،
ايڏو تون نہ ستاءِ زمانا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي 8

منهنجا جيءَ جيار سانگيئڙا،
ملندا هاڻ ملير ۾.

1

جڻ جي جهوري جيءَ کي جهوريو،
مارو سي مهندار،
ملندا هاڻ ملير ۾.

2

پيئي ساريان ڪيئن وساريان؟
ڳـــــونـــائـــــا ڳـــنـــــوار،
ملندا هاڻ ملير ۾.

3

اُلٽي ايري جهانگيڙن جي،
تن ۾ آهي تار،
ملندا هاڻ ملير ۾.

4

مارن جي مولابخش،
آهي سدائين سار،
ملندا هاڻ ملير ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم 1

هڪ وڻجارو حسن پچارو ديس تنهنجي ۾ آيو هو،
ڪنهن کي نہ ڪلي ڪيڪاريو هو ڪنهن کونہ گلي سان لايو هو.

1

هو آيو هو ڇا وڻج ڪٽي ڇو بيٺو هو هٽ سين هٽي،
ڪنهن کو نہ پڇيو ڪيڏانهن ويو ڪنهن کو نہ پڇيو ڇو آيو هو.

2

يا درد هيس يا سور هيس يا آزادي جو پور هيس،
هو لوڪ ستو ڪنهن کو نہ پتو هن رات سڄي پئي ڳايو هو.

3

ڪنهن کا نہ ڏٺي ڇا ذات هيس ڪهڙي نہ مٺي ڪابات هيس،
ڇا ساز هيس آواز هيس ڇا سر ۾ سوز سمايو هو.

4

هو راڳي هو بيراڳي هو ۽ درد ڪيو ڪنهن داڳي هو،
هن مولابخش پيار ڪري شايد کو پڇتايو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم2

هڪڙي حسرت اٿم هڪڙي محبت اٿم،
سا نه ڪنهن سان سليم اڄ ويهي سا لکيم،
مٺي به سالو هجي تنهنجي هٿ ڪان ملي،
تون اوتيندو وڃين مونکي ڏيندو وڃين،
آئون پيئندو مست ٿيندو وڃان،
انهي مستي منجهان جام جهومان نچان،
نچندي ڦيريون ڏيان پنهنجا ساٿي سڏيان،
سڏ سڻي سڀ اچن گڏ ويهي سڀ پيئن،
پر پري ٿي وڃن گڏ پنهنجا ٿي هجن،
سڀ ويهي ڪن وچن سنڌ پنهنجو آ وطن،
پيو نه ڪوئي اچي پيو نه تو کو ڪپي،
ائين اڱر ٿي پوي سنڌ ڀڪ جي پوي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم3

تون ڪنارا نہ ڪر ڪو ڪري پيو ڪري تون تہ پيارا نہ ڪر.

1

تات تنهنجي اثر لوھ لوڙ لڳو،
جان جهوري جهليو آءُ منهنجي اڳڻ،
مچ منهنجو چوڻ بند مون ڏي اچڻ،
ماھ پارا نہ ڪر تون ڪنارا نہ ڪر.

2

نيڻ تنهنجا ڪڄڻ شعر منهنجا نهن،
عام ماڻهو چون نيڻ نازڪ نہ ڪڻ،
ڪانہ قهري نہ هڻ او سهڻا سڄڻ،
تيز تارا نہ ڪر تون ڪنارا نہ ڪر.

3

يار مولابخش گرم لڪ جي جنبش،
يا فلڪ جي رنجش آهي پلڪ پهر،
پڪ گذرندو چڪر تون غمن جي اندر،
ائينءَ گذارا نہ ڪر تون ڪنارا نہ ڪر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم 4

ايندا اهڙا ڏينهن ڪڏهن،
ايندا اهڙا ڏينهن ڪڏهن،
هي جي درخت لڪ لوساٽيا،
ٻار ٻه آهن ڏاڍن ڪاٽيا،
ڏس تہ لڳن پيا سچ سڃارا،
ڪو بہ تہ ڪونهي موريل ڏار،
اڄ تہ برابر ٻانڪري پيا،
نيٺ ڦٽي سڀ گل جهليندا،
ڪي واهوندا ورندا جڏهن،
سڀ وڻ گل جهليندا تڏهن،
ايندا اهڙا ڏينهن ڪڏهن،
ها ها ٿيندا ڏينهن ڪڏهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم 5

سهڻي سنڌڙي وارا ماڻهو ڏاڍا سهڻا پيارا ماڻهو.

1

ڪاڻ نہ ڪنهن جي ڪيندا آهن حق مٿي هو هلندا آهن،
سچ سدائين چوندا آهن ويرين سان بہ تہ وڙهندا آهن،
مانجهي مرد مٺيارا ماڻهو سهڻي سنڌڙي وارا ماڻهو.

2

نيهي نياڻن ننگ سندن ۽ ڪين ڇڏيندا ڍنگ سندن،
۽ لال گلابي رنگ سندن ۽ سخت سگهارا انگ سندن،
دولهہ دودي پارا ماڻهو سهڻي سنڌڙي وارا ماڻهو.

3

هيڻن تي هو هٿ رکن ٿا ڏاڍن ڪان هو ڪين ڏرن ٿا،
چريا چيڪ چڙي پون ٿا پوءِ ڪر ڪيهر شينهن گجن ٿا،
محبت غيرت وارا ماڻهو سهڻي سنڌڙي وارا ماڻهو.

4

ماڻهو مولابخش هلن ٿا باغن ۾ ڪر مور ٽلن ٿا،
پنهنجو مٽ پوءِ پاڻ لڳن ٿا خوش ٿي گڏجي خوب کلن ٿا،
سالم سرت سگهارا ماڻهو سهڻي سنڌڙي وارا ماڻهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم6

ڪو ڪئين ڪٽي؟ ڪو ڪيئن ڪٽي؟
هي دنيا آهي ڏينهن ٻه ٽي.

1

ڪو بيت لکي ڪو گيت چوي،
ڪو سخت چڙي ۽ چڙي وڙهي،
هو ته به نه مڙي ڪو ڪنڊ ڪٽي،
هي دنيا آهي ڏينهن ٻه ٽي.

2

ڪنهن پيار ڪيو ڪنهن خار ڪيو،
ڪو نيز وهائي سور سٺائي،
ويٺو ڳائي ڪوڙي زوري گلو گهٽي،
هو ته ٻه نه هٽي هو چپ پٽي،
هي دنيا آهي ڏينهن ٻه ٽي،
ڪو ڪئين ڪٽي؟ ڪو ڪئين ڪٽي؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم 7

اي سنڌڙي تنهنجي ڌرتي تي ڏس ماڻهن مونکي ڏان ڏنا،
كنهن ساءُ جي عيوض سور ڏنا
كنهن پيار جي عيوض پور ڏنا،
كنهن گهائڻ خاطر گهور ڏنا كنهن ٿهري اک سان كان ڏنا.

1

مون جن لئہ جاڳي گيت لکيا تن مونسان هي ورتاءُ كيا،
كنهن ويندي گس پٿراءُ كيا كنهن باغي جا بهتان ڏنا.

2

كنهن سان بہ كٿي كو ظلم ٿيو پوءِ شعر لکي مون سخت نديو
مون كان تہ ٿيو هك ڏوهہ اهو مون آزادي اعلان ڏنا.

3

كو مس مس مولابخش مڙيو كو مڙندي سڙندي نيٺ وڙهيو،
كو جي نہ وڙهيو تہ بہ دل ۾ سڙيو كنهن زوراور زندان ڏنا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم8

### جهنگ منجهان جونجهار اٿيا

اڄ جهنگ منجهان جونهارا ٿيا اڄ ويٺل سڀ وينجهار اُٿيا،
اڄ جوان پيدا ۽ پار اٿيا اڄ ڪڙمي ۽ ڪمدار اُٿيا،
اڄ سنڌ جا سيئي يار اٿيا، اڄ جهنگ منجهان جونجهار اُٿيا.

1

ماٺهون سڀ متوالا جاڳيا ماٺهو خوش خصالا جاڳيا،
ماٺهو جيءَ جيالا جاڳيا ماٺهو پولا پالا جاڳيا،
ڳوٺن مان ٻه ڳنوار اٿيا اڄ جهنگ منجهان جونجهار اُٿيا.

2

صوفي آيا سچ ڳالهائڻ سورهيه سنبريا سنڌ بچائڻ،
ڪونڌر ڪڍيا ڪنڌ ڪپائڻ مهٺو پٺ تي پيرهٽائڻ،
ڏرتي لئه تہ ڏنار اُٿيا اڄ جهنگ منجهان جونجهار اٿيا.

3

گوليون خوب جهليندا سر ڏيئي سنڌ بچائيندا،
ڏنڊا خوب هلائيندا هي ماري نيٺ مڃائيندا،
جي ماٺهو مٺيادار اٿيا اڄ جهنگ منجهان جونجهار اٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4

وڙهيا آهن وڙهندا رهندا داغ غلامي مور نہ سهندا،
آزادي کي آخر پُڄندا بمن ڪان هي مور نہ مڙندا،
ننگي جي ننگدار آئيا اڄ جهنگ منجهان جونجهار آئيا.

5

نعرو جيئي سنڌ لڳائي شير پيا ميدان ۾ ڪاهي،
سانگو سر جو لاهي پاهي خوف مرڻ جو ڪنهن کي ناهي،
گهوٽ بہ غيرت دار اٿيا اڄ جهنگ منجهان جونجهار اٿيا.

6

اڳيان پرتو بمن سان هي سامهان سوٽن ڏنڊن سان،
هوندي خالي هٿن سان هي چيري وڃهندا چنبن سان،
جي جوشيلا جهنگدار اٿيا اڄ جهنگ منجهان جونجهار آئيا.

7

جاڳيا جهانگي جهنگ وارا هاڻ دسيندا دشمن سارا،
چڙهيا شيهن چيتن پارا گڙي ڪري گجگار، آئيا،
اڄ جهنگ منجهان جونجهار آئيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم9

مَن کو اهڙو واءُ وري،
مَن کو اهڙو واءُ وري،
هي چلهه اُجهاڻي پئي آ،
۽ جوت کو به نه آهي شماع شُعاع
هاڻ اونداهي آهي چو
شعاع اڳي هت هوندو هو
مَن کو اُت انسان اچي،
۽ اُن کي کو ڏيان اچي،
پوءِ هو ات کا چٽنگ دکي،
ڏُکندي ڏُکندي شال پري،
پرندي پرندي ٻيڙ کري،
مَن کو اهڙو واءُ وري۔


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڙو 1

مان تو روز روئان رت زار
پر ڪنهن پڇيو ناهي،
ڪنهن لئه واهين لڙڪن لار،

من کي اهڙي سوچ ڪري
هي جي ماڻهو بک مرن پيا،
اُن جو اَن تو ڪير ڦري،

ساڙ پلين اڄ ساڙ سماج
هڪ ڏينهن اهڙو ڏسندين،
ٽيندو چٽ هي تنهنجو تاج،

پلبا ڪيئن هي يار ڏهاڙا
تڙڪو تيز تتل تنهائي،
پنڌ پهڻ جو پير پهاڙا،

مان روز لکان تو هائيڪـــــــا
کو ڇني واهه سائين وهه
ڪر کي پاڻ اڙيڪا،

سهڻا سهڻا کهڙا ماڻهو
منهنجي سنڌ سڀاڳي جاءِ
موتي داڻن جهڙا ماڻهو،

ڏاڍا سهڻا لڳندا آهن
جوان جڏهن جوڙ ڪري
پهراڙين ۾ هلندا آهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽيڙو 2

کوڏيا قرب ڪچهرين جا
اوطاقن ۾ اچي ويهن ٿا،
ڏينهن تتي ٻن پهرن جا.

1

ساڏو ڪاڻ سانڏو پائن
ڏاريا کهنيا ڏوڙ برابر،
پنهنجي لوئي لڪ جي پائن.

2

ڏاڍي ڪنهن ڪان ڏرندا ناهن
ڪولي سڀ ڪي صاف ستو،
سچ سدائين چوندا آهن.

3

ڇا ڇا سمجهان ۽ پايان
ڇو تو ايڏو ڏک ڏسان،
۽ ڇو تو جاڳي جاڳي ڳايان.

4

ڪٿين نه جاڳان ڪيئن نه ڳايان
مونکي محبت موهيو آهي،
تڏهن ويٺو ٽيڙو ناهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَـرڻ جي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

**پڙهندڙ نَسُل . پ نَ The Reading Generation**

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

**پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.**
**اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.**
**۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيک فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.**

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book